جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL_
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 17 | جمعو 06 نومبر 2026ع بمطابق 25 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 26

وڏي وزير ٿر ڪول پرائيسنگ فريم ورڪ جي نظرثاني جي منظوري ڏئي ڇڏي، 9.66 ارب رپين جي مالي مطالبن جي توثيق

ٿر جو ڪوئلو رڳو صوبائي وسيلو ناهي پر قومي اثاثو آهي، وفاق ۽ صوبو گڏجي ملڪ جي توانائي تحفظ لاءِ ڪم ڪندا، وڏي وزير جي صدارت هيٺ TCEB جو 31 هون اجلاس

جنهن تحت ٿر ڪول اينڊ انرجي بورڊ (TCEB) جي 31 هين اجلاس ۾ غير آءِ پي پيز (non_IPPs) لاءِ ڪوئلي جي قيمت جي نظرثاني ٿيل فريم ورڪ جي منظوري ڏني وئي

ڊيوٽين ٽيڪسز ۽ ورڪرز پرافٽ پارٽيسپيشن فنڊ (WPPF) جي مطالبن جي توثيق ڪئي وئي اجلاس ۾ ايجنڊا جي تمام شقن، بشمول ٽيرف جي ردوبدل ۽ پروجيڪٽ سان لاڳاپيل اهم معاملن جي پڻ منظوري ڏني وئي

وڏي وزير جاري قدمن کي وقت سر مڪمل ڪرڻ ۽ وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ مضبوط رابطي جي هدايت

شهاب انصاري، ايم ڊي/سيڪريٽري ٽي سي اي بي طارق شاهه، ٿر ڪول ٽيرف ڊيٽرمينيشن ڪميٽي جي ميمبر مائننگ ڊاڪٽر فهد عرفان صديقي ۽ ميمبر فنانس/پاور عمار حبيب خان شرڪت ڪئي

ٿر ڪول منصوبن تي اڳڀرائي: بورڊ پاران بلاڪ ون (Block_I) ۾ "ٿر ڪول ڊرائنگ اينڊ بريڪيٽنگ پروجيڪٽ" جو جائزو ورتو ويو جنهن جو مقصد ڪوئلي ۾ نمي جي مقدار کي 45 سيڪڙو مان گهٽائي 18 سيڪڙو ڪرڻ آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه قومي توانائي جي هڪ حڪمت عملي واري وسيلي طور ٿر جي ڪوئلي جي ترقي کي تيز ڪرڻ لاءِ پنهنجي حڪومت جي عزم کي ورجايو آهي جنهن تحت ٿر ڪول اينڊ انرجي بورڊ (TCEB) جي 31 هين اجلاس ۾ غير آءِ پي پيز (non_IPPs) لاءِ ڪوئلي جي قيمت جي نظرثاني ٿيل فريم ورڪ جي منظوري ڏني وئي ۽ 9.66 ارب رپين جي تصد/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

اسد چيمبر صدر ڪراچي ۾ لوڊشيڊنگ سبب وڪيلن کي پيشيوراڻي فرض نڀائڻ دوران مشڪلاتن بابت درخواست جي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اسد چيمبر صدر ڪراچي ۾ لوڊشيڊنگ سبب وڪيلن کي پيشيورا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

مريم نواز ڊپٽي ڪمشنرن کي اسپتالن جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ 3 ڏينهن جي مهلت ڏئي ڇڏي

لاهور (م ڊ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ڊپٽي ڪمشنرن کي اسپتالن جي صورتحال بهتر بڻائڻ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

وزيراعظم پاران فيول ريليف پروگرام تي اڳڀرائي ۽ شفافيت تي اطمينان جو اظهار، سهولت فراهم نه ڪندڙ پيٽرول پمپس جا لائيسنس رد ڪرڻ جي هدايت

پيٽروليم سبسڊي اسڪيم تحت رجسٽرڊ مستحقين کي سهولت فراهم نه ڪندڙ پيٽرول پمپس جا لائيسنس رد ڪيا وڃن وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ پرائيم منسٽر فيول ريليف پروگرام جي حوالي سان اهم اجلاس منعقد ٿيو

اجلاس ۾ پرائيم منسٽر فيول ريليف پروگرام تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي وزيراعظم پرائيم منسٽر فيول ريليف پروگرام جي هيستائين جي اڳڀرائي ۽ شفافيت تي اطمينان جو اظهار

الحمد الله رجسٽريشن ۽ سبسڊي حاصل ڪرڻ جي طريقيڪار کي آسان بڻائڻ جي نتيجي ۾ رجسٽريشن ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ وڌيڪ مستحق شهري ان سهولت مان فائدو ڪٽي رهيا آهن: وزيراعظم

وزيراعظم اسڪيم جي حوالي سان مانيٽرنگ ۽ ڪارڪردگيءَ بورڊ جوڙڻ تي انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيليڪام واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪام واري وفاقي سيڪريٽري ضرار هاشم خان ۽ ان جي ٽيم جي واکاڻ ڪئي

وزيراعظم پيٽروليم سبسڊي اسڪيم تحت رجسٽرڊ مستحقين کي سهولت فراهم نه ڪندڙ پيٽرول پمپس جا لائيسنس رد ڪرڻ جي هدايت ڪئي، اجلاس کي پرائيم منسٽر فيول ريليف پروگرام جي اڳڀرائي تي بريفنگ ڏني وئي

سبسڊي اسڪيم تحت هيستائين 15519282 شهري رجسٽرڊ ٿي چڪا آهن جن مان 15.06 ملين موٽر بائيڪس ۽ 449 هزار 800 سي سي تائين گاڏين جا مالڪ آهن

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف فيول ريليف پروگرام تي اڳڀرائي ۽ شفافيت تي اطمينان جو اظهار ڪندي هدايت ڪئي آهي ته پيٽروليم سبسڊي اسڪيم تحت رجسٽرڊ مستحقين کي سهولت فراهم نه ڪندڙ پيٽرول پمپس جا لائيسنس رد ڪيا وڃن. خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ پرائيم منسٽ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

ڪراچي: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

نجي سيڙپڪاريءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ قانوني سڌارا اثرائتا آهن: اعظم نذير تارڙ

معاهدن تي تيز، منصفاڻي ۽ اڳواٽ جوڳي عملدرآمد سيڙپڪارن جو اعتماد وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي

هن فورم ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي، جنهن ۾ سڄي دنيا مان 40 کان وڌيڪ وزيرن ۽ اعليٰ قانوني قيادت شرڪت ڪئي

سينيٽر اعظم نذير تارڙ پاڪستان ۾ ڪاروبار کي آسان بنائڻ لاءِ ڪنيل قانون ۽ انتظامي قدمن تي روشني وڌي

اسلام آباد (بيورو) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته نجي سيڙپڪار/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

اسحاق ڊار سان برطانيا جي سلامتي واري مملڪتي وزير ڊين جاروس جي ملاقات

ملاقات ۾ سلامتي، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي وچ ۾ تعاون، مائيگريشن، واپار ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو

ٻنهي ڌرين علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ آر فور پلس اي فريم ورڪ تحت جاري تعاون تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان برطانيا جي سلامت/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان برطانيا جو مملڪتي وزير ملاقات ڪندي

بينڪون ۽ مالياتي ادارا 9 نومبر تي بند رهندا: اسٽيٽ بئنڪ

اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان سميت سڄي ملڪ جون سموريون بينڪون ۽ مالياتي ادارا سومر ڏينهن بند رهندا

سومر 9 نومبر تي يوم اقبال جي موقعي تي عام موڪل جي اعلان سبب اسٽيٽ بينڪ بند رهندي

اسلام آباد (بيورو) ننڍي کنڊ جي عظيم شاعر علامہ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

وفاقي سرڪار طرفان 9 نومبر تي اقبال ڏهاڙي جي موقعي تي عام موڪل جو اعلان

ڪابينا ڊويزن طرفان عام موڪل جو باضابطا نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

اقبال ڏي جي موقعي تي ملڪ جا سمورا سرڪاري ۽ خانگي ادارا بند رهندا

اسلام آباد (بيورو) وفاقي سرڪار طرفان 9 نومبر تي اقبال ڏهاڙي جي موقعي تي سڄي ملڪ ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي ڪابين/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

يورپ ۾ جهازن کي بم ڌماڪن سان اڏائڻ جون ڌمڪيون ملڻ ڪانپوءِ فرانس ۾ هڪ جهاز محفوظ لينڊنگ

پئرس (رپورٽر) يورپ ۾ جهازن کي بم ڌماڪن سان اڏائڻ جون ڌمڪيون ملڻ ڪانپوءِ فرانس ۾ هڪ / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

پاڪستان نيوي وار ڪورس جي وفد جو پرڏيهي آفيس جو دورو

وفد ۾ پاڪستان ۽ دوست ملڪن جا آفيسر ۽ فيڪلٽي ميمبر شامل هئا

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان نيوي وار ڪورس جي 150 شرڪت ڪندڙن تي ٻڌل هڪ وفد خميس ڏينهن هتي پرڏيهي آفيس جو دورو ڪيو پرڏيهـ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

پي بي اي کي صحافين جي ڀلائي لاءِ هڪ نظام ناهڻو پوندو، هاڻي ائين ڪم نه هلندو: عطاءُ الله تارڙ

ان جي باوجود صحافين جي ڀلائي لاءِ ڪو فنڊ قائم نه ٿي سگهيو ۽ نه ئي ڊيوٽي دوران فوت ٿيندڙ صحافين لاءِ ڪو پيڪيج تيار ڪيو ويو

پاڪستان براڊ ڪاسٽرز ايسوسيئيشن (پي بي اي) کي صحافين جي ڀلائي لاءِ هڪ نظام ناهڻو پوندو

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي و/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

راولپنڊي: چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل عاصم منير اجلاس جي صدارت ڪندي

چيئرمين بلاول ڀٽو پاران يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جو دورو، وڏي وزير کان تعليمي ۽ ترقياتي ضرورتن تي بريفنگ

جتي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪيس يونيورسٽي جي تعليمي، انتظامي، مالي ۽ ترقياتي خاڪي سان گڏوگڏ ان جي اهم چيلينجن ۽ مستقبل جي ضرورتن بابت بريفنگ ڏني

لاڙڪاڻو ڊويزن ۽ سنڌ جي ان سان لڳندڙ گهٽ سهولتن وارن علائقن ۾ اعليٰ تعليم تائين رسائي کي وڌائڻ لاءِ وڌيڪ مالي مدد، بنيادي ڍانچي جي بحالي، ترقياتي فنڊنگ ۽ ادارتي سهڪار جي ضرورت تي روشني وڌي وئي

24 جولاءِ 2023 تي سنڌ اسيمبلي مان پاس ٿيل يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو ايڪٽ، 2023 تحت قائم ٿيل هن يونيورسٽي باقاعدي طور پنهنجو ڪم 1 جنوري 2024 تي شروع ڪيو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خميس ڏينهن يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جو دورو ڪيو جتي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪيس يونيورسٽي جي تعليمي، انتظامي، مالي ۽ ترقياتي خاڪي سان گڏوگڏ ان جي اهم چيلينجن ۽ مستقبل جي ضرورتن بابت بريفنگ ڏني /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

مولانا اسان کان ڪڏهن به گورنر شپ يا ڪنهن شيءِ جو مطالبو نه ڪيو: رانا ثنا الله

خيبر پختونخواهه ۾ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ مولانا فضل الرحمان جو ساٿ وٺڻ گهرجي

مولانا فضل الرحمان جي محسن نقوي سان ڪا ڳالهه ٿي هجي ته اسان ڪجهه چئي نٿا سگهون

مولانا فضل الرحمان اسان کان ڪڏهن به گورنر شپ يا ڪنهن شيءِ جو مطالبو نه ڪيو، سمجهان ٿو ته اهي نوٽيس سيٽل به ٿي سگهن ٿا

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي صلاحڪار رانا ثنا الله چيو آهي ته مولانا فضل الرحمان اسان کان ڪڏهن به گورنر شپ يا ڪنهن شيءِ جو مطالبو نه ڪيوهڪ بيان ۾ رانا ثنا الله چيو ته خيبر پختونخواهه ۾ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ مولانا فض/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

وفاقي آئيني عدالت اليڪشن ڪميشن جو فيصلو برقرار رکندي جي يو آءِ جي اپيل رد ڪري ڇڏي

چيف جسٽس امين الدين خان ۽ جسٽس عامر فاروق تي ٻڌل ٻن رڪني بئنچ ٻڌڻي ڪئي وفاقي آئيني عدالت اليڪشن ڪميشن جو فيصلو برقرار

جي يو آءِ مخصوص نشستن لاءِ چار نالا ڏنا، اليڪشن ڪميشن مخصوص نشستن لاءِ فهرست ۾ تبديلي نٿي ڪري سگهي: جي يو آءِ

پاڪستان جي تاريخ جو هي منفرد ڪيس آهي وڪيل جي يو آءِ موقف اختيار ڪيو ته جي يو آءِ چئي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو) جي يو آءِ خلاف وفاقي آئيني عدالت جو حڪم اڇي ويو جي يو آءِ جي هڪ مخصوص نشست جي تڪرار تي ٻڌڻي ٿي، چيف جسٽس امين الدين خان ۽ جسٽس عامر فاروق تي ٻڌل ٻن رڪني بئنچ ٻڌڻي ڪئيوفاقي آئيني/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪراچي: صوبائي وزير سردار شاهه جو ٽرانسجينڊرز ڪميونٽي جي وفد جو گروپ فوٽو

وفاقي آئيني عدالت وڏو حڪم جاري

پشاور هاءِ ڪورٽ کي ايندڙ حڪم ٿائين ايم پي او تحت گرفتارين جا ڪيس ٻڌڻ کان روڪي ڇڏيو

اسان هن معاملي ۾ ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري رهيا آهيون : چيف جسٽس

اسلام آباد (بيورو) وفاقي آئيني عدالت وڏو حڪم جاري ڪندي پشاور هاءِ ڪورٽ کي ايندڙ حڪم ٿائين ايم پي او تحت گرفتارين جا ڪي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ٽرانسجينڊرز کي روزگار جا موقعا ڏيڻ جو فيصلو، هاڻ خواجه سرا به استاد طور ڀرتي ٿي سگهندا: سردار شاهه

جنهن تحت خواجه سرا به استاد طور ڀرتي ٿي سگهندا ان سلسلي ۾ صوبائي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه سان ٽرانسجينڊر ڪميونٽي جي وفد ملاقات

جنهن ۾ سنڌ ۾ ڪميونٽي جي فوڪل پرسن ۽ ڪي ايم سي جي سٽي ڪائونسلر شهزادي راءِ، زهرش خانزادي ۽ مس ڪامي چوڌري شامل هيون

ملاقات دوران ٽرانسجينڊرز کي پيش ايندڙ تعليمي مسئلن ۽ ڏکيائين بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ٽرانسجينڊر ڪميونٽي کي تعليمي شعبي ۾ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. جنهن تحت خواجه سرا به استاد طور ڀرتي ٿي سگهندا ان سلسلي ۾ صوبائي تعليم واري وزير سيد /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

خيبر پختونخواهه ۾ ايمرجنسي لڳائي وئي ۽ عوام کي چيو ويو ته مينڊيٽ کي نٿا مڃون: علامه راجا ناصر عباس

اي پي سي جي حتمي تاريخ ڪميٽي مشاورت کان پوءِ طئي ڪندي، ڪامران مرتضيٰ، ناصر شيرازي ۽ سلمان اڪرم راجا ڪميٽي جو حصو هوندا

ڪميٽي ۾ عامر ڊوگر ۽ مصطفيٰ نواز کوکر به شامل هوندا، اي پي سي لاءِ ڪوآرڊينيٽر اخونزاده حسين يوسفزئي ۽ خالد يوسف چوڌري هوندا

باني پي ٽي آءِ جي صحت کي خطرو آهي، حڪومت هر ريڊ لائن ڪراس ڪري ڇڏي آهي، باني پي ٽي آءِ جو بلڊ پريشر ٺيڪ نه ٿي رهيو

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ ۾ اپوزيشن ليڊر علامه راجا ناصر عباس جو چوڻ آهي ته باني پي ٽي آءِ جي صحت کي خطرو آهيعلامه ناصر عباس پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو ته خيبر پختونخواهه ۾ ايمرجنسي لڳائي وئي ۽ عوام کي چيو ويو ته مينڊيٽ کي نٿا مڃون چيو ته اي پي سي جي حتمي تاريخ ڪميٽي مشاورت کان پوءِ طئي ڪندي، ڪامران مرتضيٰ، ناصر شيرازي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڪراچي بي آر ٽي ريڊ لائن منصوبي تحت تعمير ڪيل اهم ايليويٽيڊ يوٽرن ٽريفڪ لاءِ کوليو ويو

فرنٽيئر ورڪس آرگنائيزيشن (ايف ڊبليو او) ۽ سنڌ حڪومت طرفان بي آر ٽي ريڊ لائن منصوبي تي ڪم جاري

شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ منصوبي تي تيزي سان اڳڀرائي يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي يونيورسٽي پرسان يونيورسٽي روڊ تي ڪراچي بي آر ٽي ريڊ لائن منصوبي تحت تعمير ڪيل اهم ايليويٽيڊ يوٽرن ٽريفڪ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

اطلاعات کاتي کي جديد دور جي گهرجن ۽ جديد تقاضائن سان هم آهنگ بڻائڻ لاءِ جامع ۽ سائنسي حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي: يوسف ڪابورو

وقت جي اهميت کي نظر ۾ رکڻ ۽ مقرر ڪيل هدفن جي حاصلات لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻيون پونديون

ڊائريڪٽر پريس انفارميشن عبدالماجد خان پنهنجي شعبي جي ڪارڪردگي ۽ صوبائي حڪومت سان لاڳاپيل خبرن جي حوالي سان ڊائريڪٽر جنرل کي تفصيلي آگاهي ڏني

سوشل ميڊيا جي سمورن پليٽ فارمن کي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان ڀرپور نموني استعمال ڪيو وڃي

محمد عمران ذوالنون اطلاعات کاتي جي سمورن ڊويزنل ۽ ضلعي آفيسن ۾ جاري نون ترقياتي ۽ تعميراتي منصوبن بابت ڊائريڪٽر جنرل کي بريفنگ ڏني

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز محمد يوسف ڪابورو چيو آهي ته اطلاعات کاتي کي جديد دور جي گهرجن سان هم آهنگ بڻائڻ لاءِ سمورن شعبن کي سائنسي حڪمت عملي اختيار/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

گُل پلازا ۾ باهه لڳڻ واري واقعي فائر سيفٽي آڊٽ تحت صوبي جي سمورن ضلعن ۾ 5,520 عمارتن جو معائنو

گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ صوبائي ڊيزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) جي ڪارڪردگي ۽ اڳڀرائي بابت هڪ اجلاس منعقد ٿيو

جنهن ۾ صوبي ۾ جاري امدادي سرگرمين، فائر سيفٽي آڊٽ، ڊيٽا مينيجمينٽ سسٽم ۽ ڊونر ادارن جي تعاون سان لاڳاپيل معاملن جو جائزو ورتو ويو

گُل پلازا ۾ باهه لڳڻ واري واقعي ڪانپوءِ فائر سيفٽي آڊٽ تحت صوبي جي سمورن ضلعن ۾ 5,520 عمارتن جو معائنو ڪيو ويو

حيدرآباد جي علائقي پريٽ آباد ۾ 2024ع جي سلينڊر ڌماڪي جي متاثرن مان 45 ڄڻن لاءِ اين ڊي ايم اي معاوضي جو اعلان ڪيو هو

ڪراچي (رپورٽر) بحالي کاتي بابت سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ صوبائي ڊيزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) جي ڪارڪردگي ۽ اڳڀرائي بابت هڪ اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ صوب/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ملڪ ۾ ٽڪ ٽاڪ تي پابندي جي حوالي سان گردش ڪندڙ خبرون بي بنياد آهن: پي ٽي اي

اٿارٽي پاران ملڪ ۾ ٽڪ ٽاڪ تي پابندي لاڳو ڪرڻ جي حوالي سان ڪو به نوٽيفڪيشن جاري ناهي ڪيو ويو

اهي سوشل ميڊيا تي شيئر ٿيندڙ ڪوڙين افواهن تي يقين نه ڪن ۽ نه ئي انهن کي اڳيان شيئر ڪن

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) سوشل ميڊيا ٽڪ ٽاڪ تي مبينہ پابندي وارين خبرن کي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

سيڪنڊ سنڌ اسپيشل گيمز 2026 جي ٻئي ڏينهن مختلف راندين جا مقابلا، خاص رانديگرن جي ڀرپور شرڪت

(آر سي پي ايچ خيرپور) ٻي جڏهن ته ذوالفقار (جي آئي سي سکر) ٽين پوزيشن حاصل ڪئي

انڊر 12 ڊوڙ ۾ راجا (جي ايس آر سي ايچ آئي سي سکر) پهرين، محمد ماس ٻي ۽ محمد سراج ٽين پوزيشن حاصل ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش خان مهر جي هدايتن تي سنڌ حڪومت ۽ راندين ۽ ڳوٺاڻن معاملن واري کاتي جي انت/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

سرڪاري ذميواريون نڀائڻ بجاءِ ڪيمپس ۾ آٽو رڪشا هلائڻ ۽ انهن کي ڪاروباري سرگرمي طور استعمال ڪرڻ جو انڪشاف

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي يونيورسٽي جي ڪجهه ملازمن طرفان دفتري وقتن دوران پنهنجون/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي ۾ مختلف ڪاروائين دوران عمرہ پيڪيج فراڊ جي ڪيسن ۾ گهربل ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) جي اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل ڪراچي ٻن م/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

جي يو آءِ سنڌ جي اجلاس ۾ حڪومتي انتقامي ڪاروائين، ڊرون فوٽيج ۽ اڳواڻن کي نوٽيس جاري ڪرڻ، آئيني جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

جيڪب آباد (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي اهم اجلاس ۾ قائد جمعيت مولانا فضل/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: مشير وزيراعلي سنڌ گيانچند ايسراڻي پي ڊي ايم اي جي اجلاس جو ڏيک

اين سي سي آءِ اي جي ٽيم شاهراهه فيصل تي واقع هڪ ڪال سينٽر تي ڇاپو

جن ۾ ڪال سينٽر ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪرا، ڇوڪريون ۽ ٻيو عملو شامل آهي

ڪاروائي دوران ڪال سينٽر اندر موجود ملازمن کي حراست ۾ ورتو ويو

ڪراچي (رپورٽر) نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽي گيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) جي ٽيم شاهراهه فيصل تي واقع هڪ ڪال سينٽر تي ڇاپو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

عدالت ۾ غير قانوني ڪال سينٽر هلائڻ جي ڪيس جي ٻڌڻي

جتي اين سي سي آءِ اي جي تفتيشي آفيسر گهرو کاتي جو نوٽيفڪيشن پيش ڪيو

جوابدارن کي وڊيو لنڪ ذريعي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) جوڊيشل مئجسٽريٽ اوڀر گلريز ميمڻ جي عدالت ۾ غير قانوني ڪال سينٽر هلائڻ جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جتي اين سي سي آءِ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

رينجرز ۽ ايس آءِ يو پوليس جمشيد ٽائون ۾ ڪاروائي ڪندي صمد ڪاٺياواڙي ٽولي جي ڌوهاري کي ماري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ ايس آءِ يو پوليس ڀتي مافيا جي سرگرم ٽولي خلاف/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

سنڌ ۾ ايم بي بي ايس جي داخلائن لاءِ مبينا طور وڏي پيماني تي ڦيرڦار جو اسڪينڊل سامهون اچي ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ ايم بي بي ايس جي داخلائن لاءِ انٽرميڊيٽ پري ميڊيڪل جي امتحاني نمبرن ۾ مبينا طور وڏي پيماني تي ڦيرقار/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضي وهاب روڊ جي ترقياتي منصوبي جو افتتاح ڪندي

ايس اي سي پي ۾ آڪٽوبر 2026 دوران 5 هزار 3 نئين ڪمپنين رجسٽرڊ ٿيون

جنهن کان پوءِ ملڪ ۾ رجسٽرڊ ڪمپنين جو مجموعي تعداد وڌي 3 لک 21 هزار 794 ٿي ويو

نئين ڪمپنين مان 99.9 سيڪڙو جي رجسٽريشن آن لائن مڪمل ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) سيڪيورٽيز اينڊ ايڪسچينج ڪميشن آف پاڪستان (ايس اي سي پي) ۾ آڪٽوبر 2026 دوران 5 هزار 3 نئين ڪمپن/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

آءِ پي ايل جي ايندڙ سيزن کان اڳ چنائي سپر ڪنگز ۽ سن رائيزرز حيدرآباد وچ ۾ رانديگرن جي ڏي وٺ ٿي

چنائي (م ڊ) انڊين پريميئر ليگ (آءِ پي ايل) جي ايندڙ سيزن کان اڳ چنائي سپر ڪنگز ۽ سن را/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

نواز شريف طرفان هائوسنگ اسڪيم لاءِ رکيل 12 ايڪڙ زمين جي ملڪيت جي تڪرار بابت درخواست جي ٻڌڻي

وفاقي حڪومت 1962 ۾ سنڌ حڪومت کان 80 ايڪڙ زمين خريد ڪئي هئي، جنهن کي بعد ۾ پي آءِ اي ۽ هڪ ڪينيڊين ڪمپني حوالي

جيئن پولٽري منصوبو شروع ڪري سگهجي هن منصوبي جو مقصد ملڪ ۾ گوشت جي پيداوار جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ هو

پولٽري منصوبو ختم ٿيڻ کان پوءِ 1999 ۾ ان وقت جي وزيراعظم نواز شريف مذڪوره زمين هائوسنگ اسڪيم لاءِ مختص ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف طرفان شروع ڪيل هائوسنگ اسڪيم لاءِ رکيل 12 ايڪڙ زمين جي ملڪيت جي تڪرار بابت درخواست جي ٻڌڻي ٿي ٻڌڻي دوران پاڪستان هائوسنگ اٿارٽي جي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

لاهور: عورتون اين سي اي ۾ قائد اعظم محمد علي جناح جي 150 هين يوم پيدائيش جي مناسبت سان منعقد نمائش ڏسي رهيو آهي

صنعتي جدت ۽ ٽيڪنالاجي جو فروغ ملڪي معيشت جي استحڪام ۽ صنعتي خودڪفالت لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو: جام اڪرام الله ڌاريجو

جام اڪرام الله ڌاريجي جي ٽئين عالمي صنعتي ڪيمسٽري ڪانفرنس 2026ع ۾ مهمان خاص جي حيثيت سان شرڪت

يونيورسٽين ۽ صنعتي شعبي وچ ۾ اثرائتا لاڳاپا قائم ڪري تحقيق جي نتيجن کي عملي صنعتي ترقي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو

ٽئين عالمي صنعتي ڪيمسٽري ڪانفرنس (IICC_2026) جي افتتاحي تقريب ۾ مهمان خاص جي حيثيت سان شرڪت

ڪراچي (رپورٽر) صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجي چيو آهي ته جديد سائنسي تحقيق، صنعتي جدت ۽ ٽيڪنالاجي جو فروغ ملڪي معيشت جي استحڪام ۽ صنعتي خودڪفالت لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو هن چيو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
جمعو 06 نومبر 2026 ع بمطابق 25 جمادي الاول 1448ھ

استاد جي عزت ۽ حقن تي پوليس جو تشدد

ڪنهن به سماج جي ترقي، شعور، اخلاقي تربيت ۽ روشن مستقبل جو بنياد تعليم تي هوندو آهي، جڏهن ته تعليم جي بنياد کي مضبوط بڻائڻ ۾ استاد جو ڪردار سڀ کان اهم هوندو آهي. استاد رڳو ڪتابن جو علم ڏيندڙ نه پر قومن جي مستقبل جو معمار، سماج جو رهنما ۽ ايندڙ نسلن جي ڪردار سازي ڪندڙ هوندو آهي. افسوس جو اسان جي ملڪ ۾ استاد کي عزت ۽ احترام ڏيڻ، سندس جائز حقن جي حفاظت ڪرڻ ۽ تعليمي نظام ۾ سندس حيثيت کي مڃتا ڏيڻ بدران کيس پنهنجي بنيادي مطالبن لاءِ روڊن تي نڪرڻ ۽ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي. ڪراچي ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن مان آيل استادن سان جيڪو سلوڪ ڪيو ويو، اهو نه رڳو انتهائي افسوسناڪ آهي پر حڪمرانن جي جمهوري سوچ، انتظامي روين ۽ استاد دوست پاليسين تي به ڪيترائي سوال اٿاري ٿو. استادن جي تنظيم پ ٽ الف جي مرڪزي سڏ تي مرڪزي صدر غلام رسول مهر، سيڪريٽري جنرل اعجاز احمد چانديو ۽ ٻين اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ سڄي سنڌ جا استاد ڪراچي پريس ڪلب اڳيان پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ گڏ ٿيا. استاد پريس ڪلب کان وڏي وزير جي رهائشگاهه ڏانهن مارچ ڪرڻ لڳا ته پوليس کين روڪڻ لاءِ رڪاوٽون قائم ڪيون، پر جڏهن استاد اڳتي وڌڻ لڳا ته مٿن ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا شيل وسايا ويا، جنهن سبب ڪيترائي استاد زخمي ۽ بيحال ٿي پيا. جڏهن ته ڪيترن ئي استادن کي گرفتار پڻ ڪيو ويو. خبرن موجب گرفتار ٿيل استادن جو انگ مختلف بيانن ۾ مختلف ٻڌايو ويو، جڏهن ته استاد اڳواڻن دعويٰ ڪئي ته ٽن سون کان وڌيڪ استاد گرفتار ڪري مختلف جيلن ڏانهن اماڻيا ويا آهن. هن سڄي واقعي جو سڀ کان اهم ۽ بنيادي سوال اهو آهي ته آخر استاد پنهنجي جائز مطالبن لاءِ احتجاج ڪرڻ تي ڇو مجبور آهن؟ ڇا حڪومت وٽ استادن جا مسئلا ٻڌڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ ڪو مناسب فورم موجود ناهي؟ ڇا جمهوريت جو مطلب رڳو چونڊن ۾ ووٽ وٺڻ ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ آهي يا عوام جي آواز ٻڌڻ، اختلاف راءِ برداشت ڪرڻ ۽ ماڻهن کي پنهنجا حق گهرڻ جي آزادي ڏيڻ به جمهوري حڪومت جي ذميواري آهي؟ جيڪڏهن استاد پنهنجن مطالبن لاءِ پريس ڪلب اڳيان گڏ ٿين ٿا ته انهن سان ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ بدران طاقت جو استعمال ڇو ڪيو وڃي ٿو؟ احتجاج ڪنهن به شهري جو جمهوري ۽ آئيني حق آهي، البت ان دوران قانون ۽ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ به ضروري آهي، پر انتظاميا جي ذميواري آهي ته اها حالتن کي ڳالهين ۽ سمجهوتي ذريعي سنڀالي، نه ڪي شيلنگ ۽ گرفتارين ذريعي وڌيڪ خراب ڪري. خاص طور تي استادن جهڙي معزز طبقي سان اهڙو رويو اختيار ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ مناسب نٿو چئي سگهجي. استاد اهو طبقو آهي، جيڪو ٻارن کي علم، شعور، قانون جي پاسداري، برداشت ۽ حقن جي ڄاڻ ڏئي ٿو. اڄ جيڪڏهن اهوئي استاد پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿارڻ تي پوليس جي لٺين، شيلنگ ۽ گرفتارين کي منهن ڏئي رهيو آهي ته ان مان ايندڙ نسلن کي ڪهڙو پيغام ملندو؟ ڇا اسان اهڙو سماج اڏڻ چاهيون ٿا، جتي حق گهرڻ کي ڏوهه ۽ سوال ڪرڻ کي بغاوت سمجهيو وڃي؟ حڪومت کي اهو سمجهڻ گهرجي ته استاد جي معاشي حالت، ملازمت جو تحفظ، پگهارن، سهولتن، ترقيءَ جي موقعن ۽ ٻين جائز مسئلن جو سڌو اثر تعليمي معيار تي پوي ٿو. جيڪو استاد معاشي ۽ ذهني پريشانين ۾ مبتلا هوندو، ان کان بهتر تعليمي خدمتن جي اميد رکڻ به حقيقتن کان منهن موڙڻ برابر آهي. سنڌ ۾ سرڪاري تعليم اڳ ئي ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي، اسڪولن ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ، استادن جي کوٽ، انتظامي بي ضابطگيون ۽ تعليمي معيار بابت شڪايتون موجود آهن. اهڙين حالتن ۾ استادن سان ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ بدران سندن اعتماد بحال ڪرڻ، مسئلا حل ڪرڻ ۽ کين تعليمي بهتريءَ جي عمل ۾ شريڪ ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح هجڻ گهرجي. وڌيڪ افسوس جو استاد اڳواڻن جو چوڻ آهي ته جن پوليس اهلڪارن، آفيسرن ۽ حڪمرانن کي اڄ ذميوارين جي عهدن تي پهچڻ جو موقعو مليو آهي، انهن جي تعليم ۽ تربيت ۾ به استادن جو حصو رهيو آهي، پر اڄ ساڳئي استاد کي احتجاج ڪرڻ تي تشدد ۽ گرفتارين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. اها ڳالهه حڪمرانن ۽ انتظاميا لاءِ سوچڻ جو وڏو سبب هجڻ گهرجي. حڪومت کي گهرجي ته سمورن گرفتار استادن ۽ اڳواڻن کي فوري آزاد ڪري، زخمي استادن کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪري ۽ استادن جي نمائندن سان بنا ڪنهن ديرجي سنجيده ڳالهين جو آغاز ڪري. سندن مطالبن جو جائزو وٺي جيڪي جائز ۽ حل طلب مسئلا آهن، انهن جي حل لاءِ واضح وقت مقرر ڪيو وڃي ته جيئن استادن کي ٻيهر روڊن تي نڪرڻ يا بڪ هڙتال ڪرڻ جي ضرورت نه پوي. سنڌ جي وڏي وزير ۽ تعليم واري وزير کي به هن معاملي جو سنجيدگيءَ سان نوٽيس وٺڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته تعليمي ادارن کي بهتر بڻائڻ لاءِ استاد ۽ حڪومت هڪ ٻئي جا مخالف نه پر ساٿي هجڻ گهرجن. حڪمرانن کي ياد رکڻ گهرجي ته استاد جي عزت دراصل علم جي عزت، تعليم جي عزت ۽ قوم جي مستقبل جي عزت آهي. جنهن سماج ۾ استاد کي پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪندي تشدد جو نشانو بڻايو وڃي، اتي تعليمي ترقيءَ جون دعوائون بي معنيٰ بڻجي وڃن ٿيون. سنڌ کي اهڙي تعليمي پاليسي ۽ حڪمراني جي ضرورت آهي، جتي استاد کي احتجاج ڪندڙ نه پر قوم جي مستقبل جو معمار سمجهي سندس عزت، حقن ۽ مسئلن کي اوليت ڏني وڃي.

سچ جي آواز دٻائيندڙ کي ناڪامي ئي نصيب ٿيندي

تحرير: مجاهد بوزدار

هٿن ۾ احتجاجي بينر ۽ ٻانهن تي ڪاريون پٽيون، فضائن ۾ صحافت جي آزاديءَ جي حق ۾ گونجندڙ زوردار نعرا ۽ سکر جي اهم شاهراهن تي صحافين جي پيادل مارچ هڪ واضح پيغام ڏئي رهيو هو ته صحافي برادري پنهنجي حقن، قلم جي حرمت ۽ سچ جي سربلنديءَ لاءِ متحد آهي هيءَ رڳو احتجاجي ريلي نه، پر صحافين جي اتحاد، عزم ۽ پنهنجي پيشيوراڻن فرضن جي ادائيگيءَ لاءِ ڪنهن به دٻاءَ آڏو نه جهڪڻ جو عملي اظهار هو پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (PFUJ) جي مرڪزي اڳواڻ ۽ سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتل هن تاريخي احتجاجي ريلي ۽ گڏجاڻيءَ ثابت ڪيو ته جڏهن صحافين کي بهادر ۽ سرگرم قيادت ميسر هوندي آهي ته اهي حق ۽ سچ لاءِ ثابت قدميءَ سان بيهڻ جو حوصلو رکن ٿا خوف، ڌمڪيون، دٻاءَ ۽ ڪارا قانون قلم جي طاقت کي شڪست نٿا ڏئي سگهن پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي صدر افضل بٽ ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري ارشد انصاري جي اڳواڻيءَ ۾ سڄي ملڪ ۾ صحافين جي حقن صحافت جي آزاديءَ ۽ ميڊيا ورڪرن جي معاشي تحفظ لاءِ جاري جدوجهد جي تسلسل ۾ سکر ۾ به يومِ سياهه جي موقعي تي احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي وئي افضل بٽ هن ريليءَ ۾ شريڪ نه هئا پر PFUJ جي مرڪزي قيادت ۽ تنظيمي جدوجهد جي حوالي سان سندن ڪردار اهم آهي 3 نومبر 2007 ع تي جنرل پرويز مشرف پاران ملڪ ۾ لاڳو ڪيل ايمرجنسي ۽ ميڊيا تي مڙهيل پابندين خلاف پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي اپيل تي يومِ سياهه ملهايو ويو ان موقعي تي صحافين جي جبري برطرفين، ميڊيا ادارن جي بندش پگهارن ۽ رهتن جي عدم ادائيگي پيڪا ايڪٽ جي مبينا غلط استعمال اڻ اعلانيل سينسرشپ ۽ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف سکر يونين آف جرنلسٽس پاران احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي وئي سکر پريس ڪلب مان نڪتل وڏي احتجاجي ريلي شهر جي اهم شاهراهن تان ٿيندي شهيد صحافي جان محمد مهر جي شهادت واري هنڌ پهتي جتي شرڪت ڪندڙن شهيد صحافي کي ڀيٽا پيش ڪئي ۽ سندس قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف سخت احتجاج ڪيو بعد ۾ ريلي سکرپريس ڪلب پهچي وڏي احتجاجي گڏجاڻيءَ ۾ تبديل ٿي وئي صحافين هٿن ۾ بينر کڻي پيادل مارچ دوران صحافت جي آزاديءَ جي حق ۾ زوردار نعرا هنيا احتجاجي گڏجاڻيءَ کي خطاب ڪندي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي اڳواڻ ۽ سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ پنهنجي جوشيلي خطاب ۾ چيو ته اقتدار جي نشي ۾ چُور حڪمران ۽ سچ جو آواز دٻائڻ ۾ مصروف قوتون ماضيءَ جا ورق اُٿلائي ڏسن تاريخ گواهه آهي ته سچ لکندڙن جو آواز خاموش ڪرائڻ لاءِ هر قسم جا حربا استعمال ڪيا ويا صحافين کي ڦٽڪا هنيا ويا، ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا هٿڪڙيون پارايون ويون، جيلن ۾ وڌو ويو سيخن پٺيان رکيو ويو تشدد ڪيو ويو ۽ گولين جو نشانو پڻ بڻايو ويو پر انهن سمورن ظلمن باوجود سچ لکندڙن جو تعداد گهٽجڻ بدران مسلسل وڌندو رهيو هن چيو ته صحافين جي جسمن تي لڳل ڦٽڪن جا نشان، هٿڪڙين جي گونج، جيلن جون اونداهيون ڪوٺڙيون ۽ تشدد سهندڙ قلمڪارن جون قربانيون اڄ به ان ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿيون ته طاقت جي زور تي سچ کي هميشه لاءِ دفن نٿو ڪري سگهجي صحافت ڪو ڏوهه نه پر سماج جي اک ۽ عوام جو آواز آهي جيڪي حڪمران ۽ قوتون اهو سمجهن ٿيون ته پابنديون، دٻاءَ، خوف ۽ ڪيسن ذريعي قلم کي توڙي سگهجي ٿو تن کي تاريخ مان سبق سکڻ گهرجي لالا اسد پٺاڻ چيو ته جنرل پرويز مشرف جي دور ۾ 3 نومبر 2007ع تي لاڳو ڪيل ايمرجنسي ۽ ميڊيا تي مڙهيل پابندين صحافت جي تاريخ ۾ هڪ ڪارو باب رقم ڪيو هوان وقت به ٽي وي چينلن جون نشريات بند ڪيون ويون صحافين کي پابندين کي منهن ڏيڻو پيو ۽ ميڊيا جو آواز دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر صحافين آمريت آڏو ڪنڌ نه جهڪايو افسوس جو اڄ جمهوري دور ۾ به ميڊيا کي دٻاءَ، پابندين اڻ اعلانيل سينسرشپ، معاشي استحصال ۽ جبري برطرفين جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ آمر مشرف جي سوچ اڄ به زنده آهي ۽ ماضيءَ جا آمرانه قدم نون روپن ۾ سامهون اچي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته اقتدار عارضي هوندو آهي حڪمران تبديل ٿيندا رهندا آهن حڪومتون اينديون ۽ وينديون آهن پر تاريخ ۾ قلم ۽ سچ جي طاقت هميشه زنده رهندي آهي سچ لکندڙن کي دٻائڻ وارا ياد رکن ته ماضيءَ ۾ به طاقتور حڪمرانن صحافين کي خاموش ڪرائڻ لاءِ هر ممڪن حربو آزمايو پر اهي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا اڄ به صحافين کي ڊيڄارڻ ۽ خوفزده ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن پر قلم جي حرمت ۽ صحافت جي آزاديءَ تي ڪو به ٺاهه نه ڪيو ويندوهن پنهنجي خطاب جي پڄاڻيءَ تي واضح لفظن ۾ چيو ته اوهان ڪالهه به هارايا هئا ۽ اڄ به هارائيندا ڇاڪاڻ ته سچ کي دٻائي ته سگهجي ٿو پر مٽائي نٿو سگهجي احتجاجي ريلي ۽ گڏجاڻيءَ ۾ سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر جاويد جتوئي، جنرل سيڪريٽري ڪامران شيخ، سکر پريس ڪلب جي صدر خالد پنهڻ، جنرل سيڪريٽري احقر رضوي، سنڌ وومين جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي صدر سحرش ڪوڪر، جنرل سيڪريٽري گل رخ ويراٽي، ڪيمرامين اينڊ فوٽو جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي صدر عمران شيخ ۽ سيفما سکر چيپٽر جي صدر عبدالحميد ڪمبوه سميت وڏي انگ ۾ صحافين شرڪت ڪئي ان موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ خورشيد ميراڻي، آغا عارف خان دراني، الله ڏنو بوزدار، جماعت اسلامي جي مرڪزي اڳواڻ حزب الله جکرو، جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻ مفتي اعظم طارق مهر، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻ ماجد ڏنور، عيدن جاگيراڻي، عرفان ملڪ، نوجوان قانوندان سندر چاچڙ، بيرسٽر خان غفار خان، پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ عذرا جمال، سماجي اڳواڻن غزالا انجم ۽ عبدالجبار خان، سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي جاويد ميمڻ، واپاري اڳواڻ غلام شبير ميمڻ، ظهير پٿي ۽ آل سکر تاجر اتحاد جي چيئرمين مير عبدالرحمان مينگل پڻ شرڪت ڪري صحافين سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو احتجاج ۾ شريڪ صحافين، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن صحافت جي آزادي، صحافين جي معاشي تحفظ، جبري برطرفين جي خاتمي ۽ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاريءَ جو مطالبو ڪندي ان عزم جو اظهار ڪيو ته قلم جي حرمت حق ۽ سچ جي آواز ۽ صحافين جي بنيادي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي

سنڌي ادب ۾ ترجمي نگاري ۽ ان تي مصنوعي ذهانت (AI) جا اثر

مجيد نواز مغل

ادب ڪنهن به قوم جي سڃاڻپ، سوچ ۽ تهذيب جو آئينو هوندو آهي. سنڌي ادب صدين کان پنهنجي مٽيءَ جي خوشبوءِ، شاهه لطيف جي سرن، سچل جي مستي ۽ شيخ اياز جي انقلابي سوچ سان سڃاتو وڃي ٿو. پر ڪو به ادب اڪيلو جيئرو نٿو رهي سگهي. ان کي ٻين ٻولين ۽ تهذيبن سان ملڻ جي ضرورت پوي ٿي، ۽ اهو ملاپ ترجمي ذريعي ٿئي ٿو. ترجمو رڳو لفظن کي هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ بدلائڻ ناهي.

سنڌ ۾ ترجمي جي روايت تمام پراڻي آهي. عربن جي دور ۾ سنسڪرت ۽ فارسي ڪتابن جا ترجما ٿيا. پوءِ فارسي ادب جو سنڌي تي وڏو اثر پيو. برطانوي دور ۾ انگريزي ادب جو ترجمو شروع ٿيو. شيڪسپيئر، ٽالسٽاءِ، چيخوف، گورڪي جهڙن ليکڪن جا ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ٿيا.

سنڌي ادب ۾ ترجمي نگاريءَ کي جن وڏن نالن سان سڃاڻپ ملي، تن ۾ مرزا قليچ بيگ، محمد عثمان ڏيپلائي، رسول بخش پليجو، شيخ اياز، آغا سليم ۽ ٻيا شامل آهن. مرزا قليچ بيگ سنڌي ۾ ترجمي جو بنياد وڌو. هن انگريزي ۽ اردو مان ڪيترائي ناول، ڊراما ۽ ڪهاڻيون سنڌي ۾ آنديون. ان کان پوءِ روسي ادب، فرينچ ادب ۽ عربي ادب به سنڌي ۾ ترجمو ٿيڻ لڳو.

ترجمي جي ڪري سنڌي پڙهندڙ کي خبر پئي ته دنيا ۾ ڪهڙا نوان خيال، نوان فارم ۽ نوان موضوع اچي رهيا آهن. ناول، افسانو، آزاد نظم، ڊرامو جهڙا صنفون سنڌي ادب ۾ ترجمي ذريعي ئي مضبوط ٿيون

1. لفظي ترجمو: جنهن ۾ لفظ به لفظ ترجمو ڪيو وڃي ٿو. هي ترجمو گهڻو ڪري سائنسي ۽ قانوني لکڻين لاءِ ڪم ايندو آهي. پر ادب لاءِ سٺو ناهي.
2. مفهومي ترجمو: جنهن ۾ ليکڪ جي خيال ۽ جذبي کي برقرار رکيو وڃي ٿو. ادبي ترجمي ۾ هي سڀ کان بهتر طريقو سمجهيو وڃي ٿو.
3. تخليقي ترجمو: جنهن ۾ مترجم پاڻ به هڪ تخليقڪار بڻجي وڃي ٿو. شيخ اياز جا ڪيترائي ترجما تخليقي ترجمن جا بهترين مثال آهن. هو ترجمو نه ڪندو هو، هو شعر کي ٻيهر جيئرو ڪندو هو.

. رفتار ۾ تيزي: اڳ ۾ هڪ ڪتاب جو ترجمو ڪرڻ ۾ سال لڳي ويندا هئا. هاڻي AI جهڙوڪ گوگل ترانسليٽ، CHATGPT، DEEPL چند منٽن ۾ هزارين لفظ ترجمو ڪري ٿو.

2. رسائي ۾ واڌ: هاڻي هڪ عام سنڌي شاگرد به دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ جو ادب پڙهي سگهي ٿو. سنڌي ادب به AI ذريعي ٻين ٻولين ۾ پهچي سگهي ٿو.
3. نون لفظن جي مدد: AI سنڌي لاءِ نوان اصطلاح، نوان لفظ ٺاهڻ ۾ مدد ڪري ٿو. سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ قانون جا مشڪل لفظ هاڻي آساني سان سمجهي سگهجن ٿا.
4. سکيا ۾ آساني: شاگردن لاءِ AI هڪ استاد وانگر ڪم ڪري ٿو. هو ڪنهن به جملي جو مطلب، تناظر ۽ پس منظر پڇي سگهي ٿو.

1. جذبي ۽ تهذيب جو نقصان: AI لفظن جو ترجمو ڪري ٿو، پر جذبن جو نه. شاهه لطيف جي بيت ۾ جيڪا درد، سوز ۽ سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبو آهي. اها AI سمجهي نٿو سگهي. "سُر سارنگ" کي AI رڳو "راڳ" چوندو، پر ان جي پويان جيڪا وچوڙي جي پاهه آهي. اها ان کي خبر ناهي.
2. ٻوليءَ جي سادگي: AI اڪثر سنڌي کي اردو يا هندي جي لفظن سان ملائي ٿو. ان سان خالص سنڌي ٻولي ڪمزور ٿئي ٿي. مثال طور "محبوبيت" کي AI رڳو "LOVE" چوندو، پر سنڌي ۾ محبوبيت جو مطلب وڌيڪ گهرو آهي.
3. مترجم جي بيروزگاري: جڏهن مشين مفت ترجمو ڪري ڏي، ته اصل مترجم جو قدر گهٽجي وڃي ٿو. ان سان تخليقي ترجمو گهٽجڻ لڳو آهي.
4. غلطين ۽ پروسو: AI ڪڏهن ڪڏهن غلط ترجمو ڪري ٿو. خاص ڪري محاورا، چوڻيون ۽ شاعري ۾ AI وڏيون غلطيون ڪري ٿو. جيڪڏهن شاگرد ان تي اکيون ٻوٽي ڀروسو ڪن، ته هو غلط سکندا.

حل اهو ناهي ته اسان AI کان ڊڄون يا ان کي رد ڪريون. حل اهو آهي ته اسان AI کي اوزار طور استعمال ڪريون. مالڪ طور نه.

جڏهن ته اي آءِ سبب نوان اديب پيدا ٿي رهيا آهن. جن کي ڪافي ادبي فني ڳالهين جي ڪا به ڄاڻ ناهي پر اي آءِ سبب هي ماسترليڪ بڻجي رهيا آهن. ان منفي اثر آهي اي آءِ جو جنهن لاءِ ڪنهن به ادبي ڪلاسن جي ڪا خاص ضرورت به محسوس نٿي ڪئي وڃي. ان سببب ئي بي انتها اديب پيدا ٿين پيا. اي آءِ گهر ويٺي بغير ڄاڻ ۽ فني گهرجن جي ادبي تخليقون تخليق ڪري ڏئي ٿو . جنهن جي ڪري ڪافي ماڻهن ۽ حلقن کي آسانيون ملي ويون آهن. ان جي ڪري ئي ادبي اوسر سخت متاثر ٿي رهي آهي ۽ مستقبل ۾ به ڪافي وڏو نقصان ٿيندو.

AI کي پهريون مسودو (DRAFT) ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪجي. پر آخري فيصلو انسان مترجم ڪري. AI رفتار ڏيندو. انسان روح ڏيندو. سنڌي يونيورسٽين کي گهرجي ته هو ترجمي ۾ AI جي تربيت ڏين. پر گڏوگڏ سنڌي ادب، ثقافت ۽ عروض جي ڄاڻ به ضروري قرار ڏين.

جيڪڏهن اسان AI کي سنڌي ڊڪشنري، شاهه لطيف جي ڪلام، سنڌي محاورن سان سيکاريندا سين. ته AI به سنڌي ادب جي وڏيڪ خدمت ڪري سگهي ٿو. نه ته AI سنڌي ادب کي فائدو ڏيڻ بدران نقصان پهچائيندو.

سنڌي ادب ۾ ترجمي نگاري هميشه کان پل جو ڪم ڪيو آهي _ هڪ ٻوليءَ کي ٻي ٻوليءَ سان ملائڻ جو. AI هن پل کي وڌيڪ تيز ۽ وڌيڪ وسيع ڪيو آهي. پر ان پل جي مضبوطي اڃان به انساني دل. انساني فهم ۽ انساني جذبي جي ڪمي محسوس ٿئي ٿي.

بقايا 01 ***

ر فيول ريليف پروگرام جي حوالي سان اهم اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ پرائيم منسٽر فيول ريليف پروگرام تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي وزيراعظم پرائيم منسٽر فيول ريليف پروگرام جي هيسٽائين جي اڳڀرائي ۽ شفافيت تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته الحمد الله رجسٽريشن ۽ سبسڊي حاصل ڪرڻ جي طريقيڪار کي آسان بڻائڻ جي نتيجي ۾ رجسٽريشن ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ وڌيڪ مستحق شهري ان سهولت مان فائدو ڪٽي رهيا آهن. مستحق شهرين جي لاءِ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل اها شفاف سبسڊي اسڪيم مستقبل ۾ عوامي ڀلائي جي اهڙن قدمن جي لاءِ هڪ گيم چينجر ثابت ٿيندي. وزيراعظم اسڪيم جي حوالي سان مانيٽرنگ ۽ ڪارگر ڊيش بورڊ جوڙڻ تي انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيليڪام واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪام واري وفاقي سيڪريٽري ضرار هاشم خان ۽ ان جي ٽيم جي واکاڻ ڪئي. وزيراعظم پيٽروليم سبسڊي اسڪيم تحت رجسٽرڊ مستحقين کي سهولت فراهم نه ڪندڙ پيٽرول پمپس جا لائيسنس رد ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس کي پرائيم منسٽر فيول ريليف پروگرام جي اڳڀرائي تي بريفنگ ڏني وئي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته سبسڊي اسڪيم تحت هيسٽائين 15519282 شهري رجسٽرڊ ٿي چڪا آهن جن مان 15.06 ملين موٽر بائيڪس ۽ 449 هزار 800 سي سي تائين گاڏين جا مالڪ آهن. سبسڊي اسڪيم تحت هيسٽائين 6 ڪروڙ 31 لک 53 هزار 885 ٽوڪ جاري ٿيا جن مان 5 ڪروڙ 94 لک 45 هزار 347 ٽوڪنز کي استعمال ڪيو ويو بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته فيول سبسڊي اسڪيم تحت 4 نومبر 2026 ع تائين 28.6 ارب رپين جون ادائيگيون ٿي چڪيون آهن. پرائيم منسٽر فيول ريليف اسڪيم جي حوالي سان معلومات ۽ شڪايتن جي ازالي جي لاءِ صارفين ۽ پيٽرول پمپس جي لاءِ جدا جدا ڪال سينٽرز قائم ڪيا ويا آهن. اجلاس ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير مصدق ملڪ، ناڻي ۽ اوڳاڙين واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاء الله تارڙ، پيٽروليم ڊويزن واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، وزيراعظم جي توانائي بابت خاص معاون ليفٽيننٽ جنرل (ر) ظفر اقبال ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 02 ***

يءَ کي هٿي وٺرائڻ سيڙپڪارن جي اعتماد سان جڙيل آهي. معاهدن تي تڪڙين منصفاڻي ۽ اڳواٽ جوڳي عملدرآمد سيڙپڪارن جو اعتماد وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. انصاف جي نظام ۾ سڌارا فقط قانون ناهن پر معاشي سڌارن جو به اهم جُز آهن. ترجمان موجب وفاقي وزير اهڙو اظهار واشنگٽن ۾ ورلڊ بئنڪ گروپ جي هيڊ ڪوارٽرز ۾ رٿيل عالمي قانون، انصاف ۽ ترقي فورم 2026 ع جي موقعي تي نجي سيڙپڪاريءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ گهربل قانوني سڌارن بابت وزارتي گول ميز اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. هن فورم ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي، جنهن ۾ سڄي دنيا مان 40 کان وڌيڪ وزيرن ۽ اعليٰ قانوني قيادت شرڪت ڪئي. سينيٽر اعظم نذير تارڙ پاڪستان ۾ ڪاروبار کي آسان بڻائڻ لاءِ کنيل قانون ۽ انتظامي قدمن تي روشني وجهندي آسان ڪاروبار قانون، ون ونڊو بزنس پورٽل ۽ سيڙپڪارن لاءِ ون اسٽاپ شاپ جي قيام جو ذڪر ڪيو. هن چيو ته فارن انويسٽمينٽ پروموشن اينڊ پروٽيڪشن ايڪٽ 2022 ع وڏي غير ملڪي سيڙپڪاريءَ جي تحفظ لاءِ اهم قانوني فريم فراهم ڪري ٿو ڪمپنيز ايڪٽ ۾ تجويز ڪيل ترميم تحت ڪيترائي فوجداري سزائن بدران مالي ڏوهه متعارف ڪرائڻ ۽ آن لائن فائلنگ جو نظام واضح ڪرڻ جي تجويز به غور هيٺ آهي. وفاقي وزير چيو ته واپاري تڪرارن جي فوري حل لاءِ خاص واپاري عدالتن جي قيام، ثالثي جي نظام کي هٿي ڏيڻ ۽ نئين ثالثي ايڪٽ تي ڪم جاري آهي. پاڪستان سنگاپور ڪنوينشن آن ميڊي ايشن تي صحيح ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ان جي توثيق لاءِ لاڳاپيل قانونسازي جي تياري جاري آهي. هن چيو ته پاڪستان سيڙپڪاريءَ لاءِ کليل آهي ۽ عالمي ڀائيوارن سان قانوني سڌارن جا تجربا ۽ قدم شيئر ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

بقايا 03 ***

ي واري مملڪتي وزير دين جاروس ملاقات ڪئي. پرڏيهي آفيس موجب ملاقات ۾ ٻنهي طرفن کان پاڪستان ۽ برطانيا جي ٻطرفي لاڳاپن جو جائزو ورتو ويو ملاقات ۾ سلامتي، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي وچ ۾ تعاون، مائيگريشن، واپار ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو ڌرين علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ آرفور پلس اي فريم ورڪ تحت جاري تعاون تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، نائب وزيراعظم چيو ته ٻطرفي معاملن ۽ گڏيل دلچسپي جي علائقائي معاملن تي پاڪستان ۽ برطانيا جي وچ ۾ مسلسل تعاون جي ضرورت آهي.

بقايا 04 ***

و ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو جي ڪمپني جي مالڪ طارق شفيع، سندس پٽن ۽ ٻين جوابدارن بينڪنگ ڪورٽ جي فيصلي کي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو هو مذڪوره جوابدارن خلاف نجي بينڪ جي آفيسر آصف رضا جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو ڪيس موجب جوابدارن تي 1.105 ملين آمريڪي ڊالر ماليت جو بينڪ وٽ گروي رکيل سامان چوري ڪرڻ جو الزام آهي ان معاملي تي ايف آءِ اي بينڪنگ سرڪل 2020 ۾ ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي هئيبينڪنگ ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ موقف اختيار ڪيو هو ته سائيٽ ڪلوز ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن نئين گواهه جو بيان رڪارڊ نٿو ڪري سگهجيبينڪنگ ڪورٽ جي مذڪوره فيصلي خلاف داخل درخواست جي ٻڌڻي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس اقبال ڪلهوڙو جي سربراهي ۾ قائم بئنچ ڪئي، جنهن بينڪنگ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيوعدالت جي هن فيصلي کان پوءِ ڪيس جي وڌيڪ قانوني ڪارروائي جو معاملو لاڳاپيل عدالتي فورم تي اڳتي وڌندو.

بقايا 05 ***

ل الرحمان جو ساٿ وٺڻ گهرجي، مولانا فضل الرحمان جي محسن نقوي سان ڪا ڳالهه ٿي هجي ته اسان ڪجهه چئي نٿا سگهون هن چيو ته مولانا فضل الرحمان اسان کان ڪڏهن به گورنر شپ يا ڪنهن شيءِ جو مطالبو نه ڪيو. سمجهان ٿو ته اهي نوٽيس سيٽل به ٿي سگهن ٿا وزيراعظم جي صلاحڪار جو چوڻ هو ته سهيل آفريدي اسان کي ته چئي رهيو هو عشق باني پي ٽي آءِ ۾ مارجي ويندس ۽ پاڻ محسن نقوي سان ملندو هو باني پي ٽي آءِ سان ملاقاتون ان ڪري بند ٿيون جو پيغام هلندا هئا ۽ بيانيه ٺاهيا ويندا هئا، انهن کي بار بار چيو ويو ته هي ٽرولنگ نه ڪن هي نه مڃيا ان ڪري ملاقاتون بند ٿيون

بقايا 06 ***

۽ سلمان اڪرم راجا ڪميٽي جو حصو هوندا اعلام ناصر عباس ٻڌايو ته ڪميٽي ۾ عامر ڊوگر ۽ مصطفيٰ نواز کوکر به شامل هوندا، اي پي سي لاءِ ڪوآرڊينيٽر اخونزاده حسين يوسفزئي ۽ خالد يوسف چوڌري هوندا اعلام ناصر عباس جو چوڻ هو ته باني پي ٽي آءِ جي صحت کي خطرو آهي، حڪومت هر ريڊ لائن ڪراس ڪري چڪي آهي، باني پي ٽي آءِ جو بلڊ پريشر ٺيڪ نه ٿي رهيو ۽ هي تڪليف ڏيندڙ آهيسلمان اڪرم راجا چيو ته شڪ ۽ شبها نه پر يقين پيدا ٿئي ٿو ته باني جي صحت حوالي سان سڀ سٺو ناهيان موقعي تي محمود خان اڇڪزئي چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته سمورين پاليسين پارليامينٽ مان ٿاهيون وڃنسلمان اڪرم راجا چيو ته اي پي سي قومي اتفاق راءِ طرف پهريون قدم هوندو پي ٽي آءِ ۽ جي يو آءِ گڏجي ويهنديون ۽ سب ڪميٽي ايندڙ جو لائحه عمل طئي ڪنديهن وڌيڪ چيو ته ملڪ جي سمورين قوتن کي دعوت ڏينداسين ته آئين لاءِ اڳتي وڌن

بقايا 07 ***

ي ۾ جاري امدادي سرگرمين، فائر سيفٽي آڊٽ، ڊيٽا مينيجمينٽ سسٽم ۽ ڊونر ادارن جي تعاون سان لاڳاپيل معاملن جو جائزو ورتو ويو اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته گل پلازا ۾ باهه لڳڻ واري واقعي کانپوءِ فائر سيفٽي آڊٽ تحت صوبي جي سمورن ضلعن ۾ 5,520 عمارتن جو معائنو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته حفاظتي خامين کي دور ڪرڻ لاءِ 3,820 پيرا ٻيهر معائنا ڪيا ويا آهن. اجلاس ۾ بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته حيدرآباد جي علائقي پريٽ آباد ۾ 2024 ع جي سلينڊر ڌماڪي جي متاثرن مان 45 ڄڻن لاءِ اين ڊي ايم اي معاوضي جو اعلان ڪيو هو، جنهن مان 37 متاثرن کي ادائگي ٿي چڪي آهي، جڏهن ته اٺ ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهن. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته پي ڊي ايم اي سنڌ پاران ضلعو جيڪب آباد ۽ ملير جي متاثر ۽ مستحق خاندانن ۾ امدادي سامان ورهايو ويو جيڪب آباد ۾ 375 ڪمبل، 375 گدا، 375 مڇرداڻيون، 125 ڪچن سيٽ، 200 هائيجين ڪٽس، 125 واٽر ڪولر ۽ ٻيو ضروري سامان فراهم ڪيو ويو، جڏهن ته ملير ۾ 27 ڪمبل، 27 مڇرداڻيون، 27 بيڊ شيٽس، 9 خيما، 9 پورٽيبل ٽوائليٽس ۽ ٻيو سامان ورهايو ويو ته جيئن متاثر خاندانن جون بنيادي ضرورتون پوريون ٿي سگهن. اجلاس ۾ برطانيه جي فارن ڪامن ويلٿ اينڊ ڊيولپمينٽ آفيس جي تعاون سان جاري منصوبي تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو جنهن تحت سنڌ ۾ اربن فلڊنگ ۽ سمنڊ جي پاڻي جي زمينن ۾ دراندازي سميت قدرتي آفتن جي خطرن جي جائزي کي وڌيڪ بهتر بڻايو ويندو جڏهن ته ڪراچي جي اهم سرڪاري عمارتن جو ٻن سالن دوران ٽيڪنيڪل معائنو ڪيو ويندو ان مقصد لاءِ پي ڊي ايم اي ۾ خصوصي آڊٽ سيل قائم ڪرڻ ۽ چئن ٽيڪنيڪل ماهرن جون خدمتون فراهم ڪرڻ ۾ پڻ تعاون ڪيو ويندو اجلاس کي ٻڌايو ويو ته گڏيل قومن جي عالمي خوراڪ واري اداري ضلعي سطح ۾ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ خصوصي يونٽ قائم ڪرڻ ۾ تعاون تي اتفاق ڪيو آهي. ان منصوبي تحت ايمرجنسي آپريشن سينٽر ۽ امدادي سامان گڏ ڪرڻ لاءِ گودام پڻ قائم ڪيو ويندو ته جيئن ڪنهن به آفت جي صورت ۾ فوري امدادي ڪارروايون ممڪن بڻائي سگهجن. ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي فائر سيفٽي آڊٽ دوران سامهون ايندڙ خامين کي دور ڪرڻ ۽ لاڳاپيل ادارن سان گڏجي فوري قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته ڊونر ادارن جي تعاون سان جاري منصوبن تي اڳڀرائي تيز ڪري کين مقرر مدت ۾ مڪمل ڪيو وڃي، قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تياريون، جديد نظام ۽ ادارن وچ ۾ اثرائتو رابطو انتهائي ضروري آهي. سنڌ حڪومت عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ آفتن کان متاثر خاندانن کي وقت سر امداد جي فراهمي لاءِ پرعزم آهي. اجلاس ۾ بحالي کاتي جي سيڪريٽري رفيق مصطفيٰ شيخ، پي ڊي ايم اي جي ڊائريڪٽر جنرل سيد سلمان شاهه، ڊائريڪٽر فنانس اينڊ ايڊمن شاهه حسين شاهه ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 08 ***

سرڪاري ذميوارين نڀائڻ بجاءِ ڪيمپس ۾ آٽو رڪشا هلائڻ ۽ انهن کي ڪاروباري سرگرمي طور استعمال ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، جنهن تي رجسٽرار ڊاڪٽر عمران احمد نوٽيس وٺندي باقاعده نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي اطلاعن موجب هن عمل ۾ ڪيترائي درجن ملازم ملوث آهن رجسٽرار ڊاڪٽر عمران احمد، جيڪو گذريل وائيس چانسلر جي دور کان هن عهدي تي مقرر آهي، نئين وائيس چانسلر ڊاڪٽر وسيم قاضي جي دور ۾ هن معاملي تي ڪارروائي جو آغاز ڪيو آهي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته هي ڳالهه نهايت ڳڻتي سان مشاهدي ۾ آئي آهي ته يونيورسٽي جا مختلف ملازم دفتري وقتن دوران ڪيمپس جي احاطي ۾ رڪشا هلائن ٿا ۽ انهن کي واپاري سرگرمين لاءِ استعمال ڪن ٿا هن طرز عمل سان انهن جي سرڪاري ذميوارين جي ادائگي متاثر ٿئي ٿي، اداري جي ڪارڪردگي ۾ گهٽتائي اچي ٿي ۽ هي بدانتظامي ۽ سروس ڊسپلين جي ڀڃڪڙي جي زمري ۾ اچي ٿونوٽيفڪيشن ۾ اهڙن سمورن ملازمن کي سختي سان هدايت ڪئي وئي آهي ته هو دفتري وقتن دوران رڪشا هلائڻ يا انهن کي ڪاروباري سرگرمي طور استعمال ڪرڻ جو عمل فوري طور تي بند ڪري ڇڏين ۽ پنهنجا سمورا دفتري وقت تفويض ڪيل سرڪاري ذميوارين جي ادائگي لاءِ مختص ڪنانتظاميا واضح ڪيو آهي ته هدايتن تي عمل نه ڪرڻ يا ڀڃڪڙي جاري رکڻ جي صورت ۾ معاملي کي نهايت سنجيدگي سان ورتو ويندو ۽ لاڳاپيل ملازمن خلاف جامعه جي مروج قواعد و ضوابط تحت تاديبي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي واضح رهي ته انجمن اساتذه يونيورسٽي ڪراچي جي تازي سالياني ڊنر

ڪي خطاب ڪندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر وسيم قاضي به هن صورتحال جو ذڪر ڪري چڪو آهي هن چيو هو ته دفتري وقتن ۾ رڪشا هلائيندڙ ملازمن کي لاڳاپيل شعبن جي سربراهن طرفان اين او سي جاري ڪئي وئي آهي ۽ هو هن اجازت نامي عيوض مهيني 6 هزار رپيا جمع ڪرائن ٿاوائيس چانسلر وڌيڪ ٻڌايو هو ته يونيورسٽي جا ڪيترائي درجن مالي يونيورسٽي ۾ پنهنجي ڊيوٽي انجام ڏيڻ بجاءِ ڪجهه آفيسرن يا استادن جي گهرن تي ڪم ڪري رهيا آهن، تنهن هوندي به اهڙن ملازمن کي هاڻي واپس يونيورسٽي ۾ ڊيوٽي تي طلب ڪيو ويو آهي.

بقايا 09 ***

ختلف ڪارروايون دوران عمره پيڪيج فراڊ ۽ انساني اسمگلنگ ۽ ويزا فراڊ جي ڪيسن ۾ گهربل ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ويو گرفتار جوابدارن ۾ 49 شهرين کان عمره پيڪيج فراهم ڪرڻ جي نالي تي لڳ ڀڳ 70 لک رپيا هڙپ ڪرڻ جو الزام رکندڙ ٽريول ايجنٽ ۽ 2014 جي انساني اسمگلنگ ڪيس جو اشتهاري جوابدار شامل آهيايف آءِ اي ترجمان موجب پهرين ڪارروائي ۾ ميسرز ڪاروان سفر ٽريول اينڊ ٽورز سان وابسته جوابدار اشتياق علي کي گرفتار ڪيو ويو جوابدار تي شهرين کي عمره ويزا، هوائي ٽڪيٽ ۽ سفري پيڪيجز فراهم ڪرڻ جو جهانسو ڏئي رقم وٺڻ جو الزام آهي ابتدائي جاچ موجب جوابدار 49 ماڻهن کان مجموعي طور تي لڳ ڀڳ 70 لک رپيا وصول ڪيا، تنهن هوندي به انهن کي واعدي موجب عمره ويزا فراهم نه ڪيا ويا بلڪ مبينا طور تي جعلي هوائي ٽڪيٽ ۽ هوٽل واؤچرز جاري ڪيا ويا جوابدار خلاف تعزيرات پاڪستان جي شقن 406، 420 ۽ 109 تحت ڪيس داخل آهيايف آءِ اي جي ٻي ڪارروائي دوران انساني اسمگلنگ ۽ ويزا فراڊ جي 2014 جي ڪيس ۾ گهربل اشتهاري جوابدار شهزاد بلوچ ولد محمد رفيق کي گرفتار ڪري ورتو ترجمان موجب جوابدار ڪيس ۾ نامزد هو، تنهن هوندي به عدالتي ڪارروائي دوران مسلسل پيش نه ٿيڻ تي لاڳاپيل عدالت ان کي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو هو جوابدار کي 4 نومبر تي گرفتار ڪيو ويو ڪيس جي تفصيل موجب مبينا انساني اسمگلنگ نيٽ ورڪ جعلي ويزن ذريعي پاڪستاني شهرين کي ڳري رقمن عيوض گڏيل عرب امارتن موڪلڻ ۾ ملوث هوايف آءِ اي ترجمان جو چوڻ آهي ته ٻنهي ڪيسن ۾ وڌيڪ تفتيش ۽ قانوني ڪارروائي جاري آهي، جڏهن ته عمره پيڪيج فراڊ ڪيس ۾ متاثرين کان هڙپ ڪيل رقم جو سراغ لڳائڻ ۽ ٻين ممڪن متاثرين جي نشاندهي لاءِ به جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 10 ***

لرحمان ڪانپوءِ قائد سنڌ علامه راشد محمود سومرو جي گهر جي ڊرون ذريعي فوٽيج ٺاهڻ، مفتيا سعد محمود ڪنيب ۽ ايف آءِ اي جا نوٽيس ايڊووڪيٽ ڪامرانه رتضي کي گهر ۾ داخلتي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪرڻ، ڪوئيٽا، مختلف شهرن ۾ ڊڪان سيل ڪرڻ وارن قدمن تي حڪومتي بوکلاهٽ ۽ سياسي انتقامي ڪارروايون قرار ڏنو ويو اجلاس گلشن شهيد ۾ جي يو آءِ سنڌ جي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ علامه ناصر محمود سومرو، مولانا محمد صالح انڍڙ، مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو، مولانا عبدالله مهر، مولانا عبدالحميد مهر، گل محمد انقلابي، مولانا شمس الدين پيري، مولانا سليم الله بروهي ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته مولانا فضل الرحمان ۽ جي يو آءِ پاران فارم 47 جي حڪومت، صوبن جي وحدت، اين ايف سي ايوارڊ، 18 آئيني ترميم ۽ صوبن جي معدني وسيلن تي قبضي جي سازشن خلاف آواز اٿارڻ سبب انتقامي ڪارروايون ڪيون پيون وڃن. پر جي يو آءِ اهڙن قدمن کان ڊڄڻ واري ناهي ۽ آئيني، قانوني ۽ جمهوري جدوجهد جاري رکندي. اهڙي پڌرائي جي يو آءِ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري ڪئي آهي. اجلاس ۾ اعلان ڪيو ويو ته قائد جمعيت جي حڪم تي عدم تشدد تحت مظاهرن گ، هاءِ وين موٽروي ۽ اهم شاهراهن تي احتجاج ڪيو ويندو وڌانهن جي يو آءِ سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو چيو ته منهنجي گهر جي ڊرون فوٽيج ٺاهڻ غيرقانوني ۽ غيراخلاقي عمل آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت جوڳو ناهي. هن چيو ته ضرورت پوڻ تي لکين مائرون، ڀينرون ۽ ڌيئرون به گهرن جي حرمت ۽ پنهنجن حقن جي تحفظ لاءِ روڊن تي نڪري اينديون. هن 25 ايڪڙ زمين جا الزام هڻندڙ ٽي وي چينلن جي مالڪن ۽ اينڪرز کي چئلينج ڪندي چيو ته مبينا زمين جا ثبوت سامهون آڻين. 23 ايڪڙ پاڻ رکن ۽ 2 ايڪڙ مون کي ڏين. هن چيو ته جي يو آءِ آئين جي بالادستي، جمهوري حقن ۽ صوبن جي وسيلن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکندي.

بقايا 11 ***

هٽي ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو جن ۾ ڪال سينٽر ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪرا، ڇوڪريون ۽ ٻيو عملو شامل آهيذريعن موجب ڪارروائي دوران ڪال سينٽر اندر موجود ملازمن کي حراست ۾ ورتو ويو، جڏهن ته ڇاپي جي اطلاع ملڻ تي ملازمن جي والدين، عزيز ۽ مٽن مائٽن ۽ ٻين ماڻهن جو وڏو تعداد ڪال سينٽر ٻاهر گڏ ٿي ويو سيڪيورٽي انتظامن جي پيش نظر ڪنهن کي به فوري طور تي اندر کان ٻاهر وڃڻ جي اجازت نه ڏني پئي وئيذريعن جو چوڻ آهي ته ڪارروائي دوران ڪيترن ئي ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو جڏهن ته ڪجهه ملازمن کان پڇا ڳاڇا به ڪئي وئي، جن کي بعد ۾ وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي وئي ان دوران ڪال سينٽر مان مختلف قسمن جا برقي آلات، ليپ ٽاپس ۽ ٻيو سامان به تحويل ۾ ورتو ويو ٻئي طرف اين سي سي آءِ اي ڪراچي زون ڪارروائي بابت پنهنجي سرڪاري موقف ۾ تصديق ڪئي آهي ته ايف آءِ آر نمبر 122/2026 تحت گرفتاريون قانون موجب عمل ۾ آنديون ويون آهن.

بقايا 12 ***

ته يونيورسٽين ۽ صنعتي شعبي وچ ۾ اثرائتا لاڳاپا قائم ڪري تحقيق جي نتيجن کي عملي صنعتي ترقي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڪراچي ۾ منعقد ٿيل ٽئين عالمي صنعتي ڪيمسٽري ڪانفرنس (IICC_2026) جي افتتاحي تقريب ۾ مهمان خاص جي حيثيت سان شرڪت ڪندي ڪيو. ڪانفرنس جو انتظام اين اي ڊي يونيورسٽي جي ڪيمسٽري شعبي پاران ڪيو ويو، جنهن ۾ صنعتي ڪيمسٽري جي شعبي سان لاڳاپيل ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن جي ماهرن، محققن، استادن ۽ لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس دوران صنعتي ڪيمسٽري جي شعبي ۾ جديد سائنسي تحقيق، ٽيڪنيڪي جدت، صنعتي ترقي، جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال ۽ يونيورسٽين توڙي صنعتن وچ ۾ سهڪار کي هٿي وٺرائڻ بابت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجي جي ڪانفرنس ۾ شرڪت صنعتي ترقي لاءِ تحقيق، تعليم ۽ صنعت جي وچ ۾ مضبوط رابطن جي اهميت بابت سنڌ حڪومت جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿي.

بقايا 13 ***

اي جي تفتيشي آفيسر گهرو کاتي جو نوٽيفڪيشن پيش ڪيو جوابدارن کي وڊيو لنڪ ذريعي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو تفتيشي آفيسر عدالت کي ٻڌايو ته گرفتار 273 جوابدارن کي ڪال سينٽر ۾ ئي حراست ۾ رکيو ويو آهي، چو ته گهرو کاتي لاڳاپيل ڪال سينٽر کي سب جيل قرار ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي جوابدارن تي الزام آهي ته هو غير قانوني ڪال سينٽر ذريعي پرڏيهي شهرين سان فراڊ ۾ ملوث هئاتفتيشي آفيسر ڪال سينٽر جي 9 اهم جوابدارن جو جسماني ريمانڊ ڏيڻ ۽ ٻين جوابدارن کي عدالتي ريمانڊ تي جيل موڪلڻ جي استدعا ڪئي هن موقعي تي وڪيل صفائي موقف اختيار ڪيو ته جوابدارن ۾ 70 کان وڌيڪ گهٽ عمر وارا ۽ 80 کان وڌيڪ عورتون به شامل آهن، جڏهن ته ڪيس ۾ لاڳو دفعائون قابل ضمانت آهن هن گهٽ عمر وارن جوابدارن ۽ عورتن کي ضمانت تي آزاد ڪرڻ جي درخواست ڪئيعدالت 9 جوابدارن کي ٻن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي اين سي سي آءِ اي حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته 18 سالن کان گهٽ عمر وارن جوابدارن ۽ عورتن کي پنج پنج هزار رپين جي مچلڪن عيوض ضمانت تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو عدالت ٻين جوابدارن کي عدالتي ريمانڊ تي جيل موڪلڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.

بقايا 14 ***

ظام هيٺ سيڪنڊ سنڌ اسپيشل گيمز 2026 جي ٻئي ڏينهن اسپورٽس ڪلب سکر ۾ مختلف راندين جي مقابلن کي منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ سڄي سنڌ مان خاص صلاحيتن وارن رانديگرن حصو ورتو سنڌ جي راندين واري کاتي جي ترجمان موجب انڊر 15 جي 100 ميٽر ڊوڙ ۾ جگنات (جي ايس آر ڊي گهوٽڪي) پهرين، محسن منگلو (آر سي پي ايڇ خيرپور) ٻي جڏهن ته ذوالفقار (جي آئي سي سکر) ٽين پوزيشن حاصل ڪئي. انڊر 12 ڊوڙ ۾ راجا (جي ايس آر سي ايڇ آئي سي سکر) پهرين، محمد ماس ٻي ۽ محمد سراج ٽين پوزيشن حاصل ڪئي. گرلز (ڇوڪرين جي) ڊوڙ ۾ ڪائنات پهرين، ماروي ٻي ۽ شهناز ٽين پوزيشن حاصل ڪئي. 100 ميٽر ويهيل چيئر (ڦيٿن واري ڪرسي) ريس ۾ عبدالرئوف پهرين ۽ محمد صداقت ٻي پوزيشن حاصل ڪئي.

بقايا 15 ***

ڪوڙو ۽ بي بنياد قرار ڏيندي نوٽيفڪيشن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. خميس ڏينهن پي ٽي اي جي ترجمان پاران جاري ڪيل وضاحتي بيان ۾ چيو ويو آهي ته اٿارٽي پاران ملڪ ۾ ٽڪ ٽاڪ تي پابندي لاڳو ڪرڻ جي حوالي سان ڪو به نوٽيفڪيشن جاري ناهي ڪيو ويو ۽ ان بابت گردش ڪندڙ افواهون بي بنياد آهن. پي ٽي اي شهرين کي چيو آهي ته اهي سوشل ميڊيا تي شيئر ٿيندڙ ڪوڙين افواهن تي يقين نه ڪن ۽ نه ئي انهن کي اڳيان شيئر ڪن. هن وڌيڪ چيو ته ڪنهن به خبر جي تصديق لاءِ پي ٽي اي جي آفيشل ويب سائيٽ سان رابطو ڪري سگهجي ٿو.

بقايا 16 ***

لاءِ کوليو ويو، جنهن سان شاهراهه تي ٽريفڪ جي رواني ۾ بهتري ۽ شهرين کي اچ وڃ ۾ سهولت ملڻ جي اميد آهيتفصيل موجب ٽرانس ڪراچي، فرنٽيئر ورڪس آرگنائيزيشن (ايف ڊبليو او) ۽ سنڌ حڪومت طرفان بي آر ٽي ريڊ لائن منصوبي تي ڪم جاري آهي لاڳاپيل ادارن جو چوڻ آهي ته شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ منصوبي تي تيزي سان اڳڀرائي يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن واضح رهي ته بي آر ٽي ريڊ لائن منصوبي تي گذريل چئن سالن کان ڪم جاري آهي. جڏهن ته هاڻي تائين يونيورسٽي روڊ جو 80 سيڪڙو کان وڌيڪ حصو ٽريفڪ لاءِ بحال ڪيو ويو آهي صوبائي حڪومت 15 سيپٽمبر تائين يونيورسٽي روڊ جو 100 سيڪڙو ڪم مڪمل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي هئي، تنهن هوندي به مقرر مدو گذرڻ باوجود هي واعدو پورو نه ٿي سگهيو

بقايا 17 ***

س ٻڌڻ کان روڪي ڇڏيو چيف جسٽس امين الدين خان چيو ته اسان هن معاملي ۾ ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري رهيا آهيون، ٻيون ڌريون عدالتي حڪم ڏسي پنهنجي درخواست داخل ڪري سگهن ٿيونچيف جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ ٻن رڪني بئنچ ٻڌڻي ڪئي، واضح رهي سهيل آفريدي ۽ ٻين جي ٿري ايم پي او تحت گرفتارين جو معاملو پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ زير التوا آهي.

بقايا 18 ***

بريفنگ ۾ يونيورسٽي کي مضبوط ڪرڻ ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن ۽ سنڌ جي ان سان لڳندڙ گهٽ سهولتن وارن علائقن ۾ اعليٰ تعليم تائين رسائي کي وڌائڻ لاءِ وڌيڪ مالي مدد، بنيادي ڍانچي جي بحالي، ترقياتي فنڊنگ ۽ ادارتي سهڪار جي ضرورت تي روشني وڌي وئي. 24 جولاءِ 2023 تي سنڌ اسيمبلي مان پاس ٿيل يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو ايڪٽ، 2023 تحت قائم ٿيل هن يونيورسٽي باقاعدي طور پنهنجو ڪم 1 جنوري 2024 تي شروع ڪيو. هي يونيورسٽي پبلڪ سيڪٽر جي چئن ادارن ۽ ڪيمپسز جي پاڻ ۾ ضم ٿيڻ سان قائم ڪئي وئي هئي جن ۾ ڪويسٽ (QUEST) ڪيمپس لاڙڪاڻو، يونيورسٽي آف سنڌ لاڙڪاڻو ڪيمپس، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو زرعي ڪاليج ڊوڪري ۽ شهيد بينظير ڀٽو لا ڪاليج لاڙڪاڻو شامل آهن. جنهن جو ضم ٿيڻ ايجا مڪمل ٿيڻو آهي. يونيورسٽي وٽ ٽوٽل 528.5 ايڪڙ زمين آهي جيڪا ان جي مختلف ڪيمپسز تي پکڙيل آهي، جنهن ۾ عربيجا مين ڪيمپس ۾ 350 ايڪڙ، ڊوڪري ۾ فيڪلٽي آف ائگريڪلچر سائنسز ۾ 150 ايڪڙ ۽ ائيرپورٽ روڊ ۽ وڳڻ روڊ تي موجود سهولتون شامل آهن. وڏي وزير پي پي پي چيئرمين کي آگاهه ڪيو ته يونيورسٽي هن وقت پنجن فيڪلٽيز، 16 شعبن ۽ 26 تعليمي پروگرامن تي مشتمل آهي جيڪا انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي، زراعت، مئنيجمينٽ سائنسز، ڪامرس، سوشل سائنسز، هيومينٽيز ۽ نيچرل سائنسز ۾ انڊر گريجوئيٽ، پوسٽ گريجوئيٽ ۽ ڊاڪٽريٽ جي تعليم فراهم ڪري رهي آهي. نوان ابڀرندڙ شعبا، جن ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس، سافٽ ويئر انجنيئرنگ ۽ ڪمپيوٽر سائنس شامل آهن، اهي پڻ پڙهايا پيا وڃن. بريفنگ موجب سال 2026 لاءِ يونيورسٽي ۾ 3,206 جي بجيٽ ڪيل گنجائش جي مقابلي ۾ شاگردن جي اصل داخلا 2,875 آهي. هن اداري ۾ 78 مستقل ۽ 21 معاهدي تي ٻڌل فيڪلٽي ميمبر آهن جڏهن ته ان جي انتظامي عملي ۾ 324 مستقل ملازم، 11 ڪانٽريڪٽ اسٽاف ۽ 41 روزاني اجرت وارا ملازم شامل آهن.

بقايا 19 ***

ي آفيس جي ترجمان موجب وفد ۾ پاڪستان ۽ دوست ملڪن جا آفيسر ۽ فيڪلٽي ميمبر شامل هئا. پرڏيهي آفيس جي ترجمان سجاد حيدر خان وفد کي پرڏيهي وزارت جي ڪم ڪار ۽ فرضن، پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جي ترجيحن، ٻطرفين ڀائيوارين ۽ اهم علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي جي باري ۾ بريفنگ ڏني. بريفنگ ڪانپوءِ سوالن ۽ جوابن جي هڪ ويهڪ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پاڪستان جي سفارتي سرگرمين ۽ بدلجندڙ علائقائي ۽ عالمي ماحول بابت خيالن جي ڏي وٺ جو موقعو فراهم ڪيو ويو.

بقايا 20 ***

يق ٿيل ڊيوٽين ٽيڪسز ۽ ورڪرز پرافٽ پارٽيسيپيشن فنڊ (WPPF) جي مطالبن جي توثيق ڪئي وئي اجلاس ۾ ايجنڊا جي تمام شقن، بشمول ٽيرف جي ردوبدل ۽ پروجيڪٽ سان لاڳاپيل اهم معاملن جي پڻ منظوري ڏني وئي جڏهن ته وڏي وزير جاري قدمن کي وقت سر مڪمل ڪرڻ ۽ وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ مضبوط رابطي جي هدايت ڪئي ته جيئن ٿرجي ڪوئلي جي مڪمل توانائي ۽ اقتصادي صلاحيت مان فائدو حاصل ڪري سگهجي اجلاس ۾ تعليم واري وزير سيد سردار شاهه، پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ (P&D) جي وزير جام خان شورو، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه (زوم ذريعي)، سيڪريٽري توانائي شهاب انصاري، ايم ڊي/سيڪريٽري ٽي سي اي بي طارق شاهه، ٿر ڪول ٽيرف ڊيٽرمينيشن ڪميٽي جي ميمبر مائننگ ڊاڪٽر فهد عرفان صديقي ۽ ميمبر فنانس/پاور عمار حبيب خان شرڪت ڪئي. پلاننگ، ڊيولپمينٽ اينڊ اسپيشل انيشيئيٽوز واري وفاقي وزير احسن اقبال، وفاقي وزير توانائي سردار اويس احمد خان لغاري، وفاقي وزير ماليات ۽ روينيو ڊپٽي چيئرمين پلاننگ ڪميشن، وفاقي سيڪريٽري توانائي (پاور ڊويزن)، پي پي پي جي قومي اسيمبلي ميمبر (MNA) شازيه مري ۽ ميمبر ڪرني سنگهه پڻ وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي. ٿرڪول منصوبن تي اڳڀرائي: بورڊ پاران بلاڪ ون (Block_I) ۾ "ٿر ڪول ڊرائنگ اينڊ برڪيٽنگ پروجيڪٽ" جو جائزو ورتو ويو جنهن جو مقصد ڪوئلي ۾ نمي جي مقدار کي 45 سيڪڙو مان گهٽائي 18 سيڪڙو ڪرڻ آهي 30 ٽن في ڪلاڪ جي ان پٽ گنجائش ۽ 22 ٽن في ڪلاڪ جي آئوٽ پٽ گنجائش سان، هن منصوبي مان ڪوئلي جي معيار کي بهتر بڻائڻ، ٽرانسپورٽيشن جي ڪارڪردگي کي وڌائڻ ۽ مال برداري جي خرچن کي گهٽائڻ جي اميد آهي وڏي وزير توانائي کاتي ۽ ٽي سي اي بي کي هدايت ڪئي ته هو ڪوئلي کي سڪائڻ ۽ برڪيٽنگ واري سهولت جي موثر نگراني برقرار رکن وفاقي وزير توانائي اويس خان لغاري صوبائي حڪومت کي ڪول ڊرائنگ اينڊ برڪيٽنگ پروجيڪٽ جي شروعات تي مبارڪباد ڏني اجلاس کي اهو به ٻڌايو ويو ته سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني (SECMC) 1 آڪٽوبر 2026 تي بلاڪ ٽو (Block_II) ۾ فيز ٿري (Phase_III) جي توسيع جي ڪمرشل آپريشنز ڊيٽ (COD) حاصل ڪري ورتي آهي، جنهن سان مائننگ (کوٽائي) جي گنجائش سالياني 7.6 ملين ٽن مان وڌي 11.2 ملين ٽن ٿي وئي آهي هن توسيع سان وڏي پيماني جي بچت کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڪوئلي جي پيداوار جي مجموعي لاڳت کي گهٽائڻ ۾ مدد ملڻ جي اميد آهي بورڊ پاران لڪي اليڪٽرڪ پاور ڪمپني لميٽيڊ (LEPCL) سان

اسپتالن جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر کي ٽن ڏينهن اندر قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي وئياجلاس دوران مريم نواز فصلن باقيات ساڙڻ تي 100 سيڪڙو ضابطو آڻڻ جو حڪم پڻ ڏنو جڏهن ته اسٽريٽ لائيٽس ۽ مين هولز کي 100 سيڪڙو فعال بڻائڻ جي هدايت ڪئيان موقعي تي مريم نواز چيو ته ڊپٽي ڪمشنر جي لاپرواهي سبب منهنجي ساک متاثر ٿئي ٿي.

بقايا 23 ***

محمد اقبال جي جنم ڏينهن 9 نومبر 2026 ع تي عام موڪل جي اعلان تحت اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان سميت سڄي ملڪ جون سمورين بينڪون ۽ مالياتي ادارا سومر ڏينهن بند رهندا . اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان 5 نومبر 2026 ع تي جاري پڌرائي مطابق سومر 9 نومبر تي يوم اقبال جي موقعي تي عام موڪل جي اعلان سبب اسٽيٽ بئنڪ بند رهندي.

بقايا 24 ***

جهاز محفوظ لينڊنگ ڪئي، جڏهن ته واقعي واري هنڌ به ڊسپوزل اسڪواڊ مقرر ڪيو ويو آهيفرانسيسي اختيارين موجب، ڌمڪي ملڻ ڪانپوءِ جهاز کي محفوظ طريقي سان لينڊ ڪرايو ويو جڏهن ته واقعي واري هنڌ سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪندي بم ڊسپوزل اسڪواڊ کي مقرر ڪيو ويو آهيپرڏيهي ميڊيا موجب، اڳاري ڏينهن به يورپ جي 10 پروازن کي بم ڌماڪن جون ڌمڪيون مليون هيون. رپورٽن موجب، اٽلي جي گاديءَ واري شهر روم ۾ هوائي فوج جا جنگي جهاز پڻ حرڪت ۾ آندا ويا هئا.

بقايا 25 ***

ا ڊويزن طرفان عام موڪل جو باضابطا نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهينوٽيفڪيشن موجب، اقبال ڊي جي موقعي تي ملڪ جا سمورا سرڪاري ۽ خانگي ادارا بند رهندا

بقايا 26 ***

ز سرڪاري ۽ نجي شعبن کان اشتهار حاصل ڪندا آهن جڏهن ته ڊجيٽل ذريعن مان به آمدني ٿيندي آهي، ان جي باوجود صحافين جي ڀلائي لاءِ ڪو فنڊ قائم نه ٿي سگهيو ۽ نه ئي ڊيوٽي دوران فوت ٿيندڙ صحافين لاءِ ڪو پيڪيج تيار ڪيو ويو سماجي رابطي واري پليٽ فارم "ايڪس" تي هڪ پوسٽ ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پاڪستان براڊ ڪاسٽرز ايسوسيئيشن (پي بي اي) کي صحافين جي ڀلائي لاءِ هڪ نظام ٺاهڻو پوندو هاڻي ائين ڪم نه هلندو ان معاملي تي پيمرا کي به پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

بقايا 27 ***

ي جي ڊائريڪٽوريٽ آف بلڊنگ ڪنٽرول (سائوٿ) طرفان جي يو آءِ (ف) سان لاڳاپيل مدرسي اختر العلوم اسلام آباد جي عمارت تعميراتي نقشن جي منظوري حاصل ڪرڻ کان سواءِ تعمير ڪرڻ تي باضابطا نوٽيس جاري ڪيو ويو آهيسي ڊي اي طرفان جاري نوٽيس ۾ اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري بلڊنگ ڪنٽرول ريگيوليشنز 2020 (ترميم ٿيل 2023) جي ڀڃڪڙي جي نشاندهي ڪئي وئي آهيسي ڊي اي جي مدرسي جي انتظاميه کي هدايت ڪئي آهي ته نوٽيس جي جاري ٿيڻ جي تاريخ کان 15 ڏينهن اندر عمارت جا تعميراتي نقشا لاڳاپيل اٿارٽي ۾ جمع ڪرايا وڃن. ٻي صورت ۾ سي ڊي اي آرڊيننس ۽ اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري بلڊنگ ڪنٽرول ريگيوليشنز 2020 (ترميم ٿيل 2023) جي لاڳاپيل شقن تحت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندينوٽيس ۾ وڌيڪ خبردار ڪيو ويو آهي ته قانوني گهرجون پوريون نه ڪرڻ جي صورت ۾ مدرسي جي عمارت کي سيل ڪري سگهجي ٿو.

بقايا 28 ***

عدالت اليڪشن ڪميشن جو فيصلو برقرار رکندي جي يو آءِ جي اپيل رد ڪري ڇڏي ڪيل جي يو آءِ چيو ته جي يو آءِ مخصوص نشستن لاءِ چار نالا ڏنا، اليڪشن ڪميشن مخصوص نشستن لاءِ فهرست ۾ تبديلي نٿي ڪري

جمشيد ٽائون ۾ گڏيل ڪارروائي ڪندي صمد ڪاٺياواڙي ٽولي جي ڌوهاري کي ماري ڇڏيو جڏهن ته ٻن مبينا ڀتي خورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو ڪارروائي دوران جوابدارن جي قبضي مان هٿيار ۽ ايمونيشن به هٿ آيا ترجمان پاڪستان رينجرز سنڌ موجب مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ زوهان عرف سانول جڏهن ته زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ حسن عرف مرغي وارو ۽ حسين عرف موني جي نالي سان ٿي آهي 24 آڪٽوبر 2026 کان وٺي هاڻي تائين ڀتي مافيا خلاف رينجرز ۽ ايس آءِ يو پوليس جي ٽين وڏي ڪارروائي آهيترجمان موجب 2 آڪٽوبر 2026 تي ميمڻ مال شاپنگ پلازه ملير ۾ صمد ڪاٺياواڙي گروهه جي نامعلوم

بڻجندا آسٽريلوي فاسٽ باڪنگ آل رائونڊر جيڪ ايڊورڊز به چنائي سپر ڪنگز ۾ شامل ٿيندو جنهن جو موجوده معاوضو 3 ڪروڙ ڀارتي رپيا برقرار رهندوٻئي پاسي سن رائيزرز حيدرآباد خليل احمد کي 4 ڪروڙ 80 لک ۽ نيٿن ايلس کي 2 ڪروڙ ڀارتي رپين ۾ پنهنجي ٽيم جو حصو بڻايو واري نيلامي دوران سن رائيزرز حيدرآباد جيڪ ايڊورڊز کي حاصل ڪرڻ لاءِ چنائي سپر ڪنگز کان وڌيڪ بولي لڳائي هئي، پر پير جي انجري سبب هو سڄو سيزن نه کيڏي سگهيو گذريل نيلامي ۾ هو واحد اهڙو "اَن ڪيپڊ" پرڏيهي رانديگر هو جنهن کي فرنچائز خريد ڪيو هوايڊورڊز ويجهڙ ۾ آسٽريليا طرفان ون ڊي ۽ ٽي ٽوئنٽي انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ۾

بقايا عوامي سوچ 01

۾ اجلاس ڪوٺائڻ بعد هڪ احتجاجي مظاهرو آبادگار اڳواڻن حقنواز رند، احمد رند، ڊاڪٽر امجد شورو، مدثر آرائين، شير نواز عرف ٽيپي عرف لائق رند، سعدالله بروهي، عبدالحفيظ شورو، شاڪر رند، رقم الدين شورو، گل حسن، هارون شورو ۽ ٻين ج. اڳواڻي ۾ ڪندي چيو ته ڪافي وقت کان ڪانٽي واهه توڙي ان مان نڪرندڙ مختلف واهن شورڪي واهه، نصيرلنڪ ۾ پاڻي پوڇڙ تائين نٿو پهچي جنهن ڪري هڪ طرف بيٺل فصل سوڪهڙي جو شڪار بڻجي ويا اهن ته ٻئي طرف زمينون پڻ پاڻي نه ملڻ ڪري بنجر بڻجي رهيون آهن، جنهن ڪري آبادگارن کي وڏو نقصان پهچي رهيو آهي.. هنن چيو ته انسان توڙي جانورن کي پيئڻ لاءِ ب پاڻي نٿو ملي، هنن گهر ڪئي ته ڪانٽي واهه ۾ قائم سمورا غيرقانوني واٽر ڪورس، ڌڪا، لوليون فوري طور ختم ڪري غلط ڊزائين تحت ٺاهيل ڪانٽي واهه کي توڙي صحيح ڊزائين موجب ٻيهر تعمير ڪري واهه اندر مٽيءَ جا بند، غيرقانوني رڪاوٽون ۽ بند ڪيل شاخ اندر موجود مٽي ايڪسيويٽر مشينن ذريعي فوري طور صاف ڪرائي پاڻي بنا ڪنهن ناجائز واري بندي جي آخري ٽيل تائين پهچايو وڃي. هنن چيو ته سنڌن جائز مسئلو 15 ڏينهن اندر حل نه ٿيو ته سخت احتجاج ڪيو ويندو. ان موقعي تي ايريگيشن ڪاتي توڙي روينيو ڪاتي جي عملدارن پوليس آفيسرن جي موجودگي ۾ آبادگارن سان ڳالهيون ڪري ڪانٽي واهه ۾ پاڻي کي پوڇڙ تائين جلد پهچائي 15 ڏينهن اندر سنڌن سمورا مسئلا حل ڪري ڪين پريشاني کان بچائڻ جي خاطري ڪرائي وئي.

بقايا عوامي سوچ 02

خمي ڪرڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو، واقعي جي رپورٽ طلب ڪري ورتي. تفصيلن موجب ضلعي ٿرپارڪر جي ڳوٺ ٿاريو هاليپوٽو ۾ غلام رحيم هاليپوٽو جي مينهن کي نامعلوم ماڻهن پاران ڪهاڙيءَ جا وار ڪري زخمي ڪرڻ جو واقعو پيش آيو. ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز واقعي جو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل ايس ايڇ او اسلام ڪوٽ کان رپورٽ طلب ڪري ورتي ۽ واقعي جي مڪمل معلومات حاصل ڪرڻ، ملوث ماڻهن جي نشاندهي ۽ قانوني ڪارروائي لاءِ هدايتون جاري ڪيون. پوليس پاران واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ قدم کنيا پيا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 03

امهون واقع باغ مان نوجوان جو ڦاهو ڪاڌل لاش هٿ آيو آهي، جنهن سبب علائقي ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي. فوتي نوجوان جي سڃاڻپ وڪرم جي نالي سان ٿي آهي، جيڪو حيدرآباد ۾ گلن جي دڪان تي ڪم ڪندو هو. واقعي جي اطلاع تي علائقي ۾ ماڻهن جو هجوم گڏ ٿي ويو. نوجوان جو ڦاهو ڪاڌل لاش هٿ اچڻ واري واقعي بابت پوليس پاران وڌيڪ جاچ ڪري موت جا اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻ جو عمل جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 04

ڊو جي رهواسڻ بيواهه مسمات نوران، سنڌس ڌيءَ رشيدان ۽ پٽ لڪانو خاصخيلي سجاول ۾ پريس ڪلب پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سنڌن ڏاڏي لڪانو خاصخيلي جي نالي تي موجود (3) ايڪڙ سروي زمين تي برادريءَ جا ماڻهو مامون خاصخيلي، رزاق خاصخيلي، جميل، شهباز خاصخيلي، نصار ۽ نظير خاصخيلي سميت ٻيا زبردستي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا. هنن الزام لڳايو ته زمين ۽ گهر خالي نه ڪرڻ تان سنڌن نياڻي رشيدان خاصخيلي کي مبينا طور لٺين سان تشدد ڪري زخمي ڪيو ويو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته واقعي بابت ڏڙو پوليس کي شڪايتون ۽ زخمي عورت جو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ پڻ جمع ڪرايو آهي، پر پوليس جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري ۽ نه ئي سنڌن شڪايت تي ڪيس داخل ٿي ڪري. هنن چيو ته ڪين ڄاڻايل ماڻهن مان جاني خطرو آهي ۽ هو سخت خوف ۾ مبتلا آهن. هنن ايس ايس پي سجاول، ضلعي انتظاميه ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي مبينا جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ سنڌن زمين تان قبضي جي ڪوشش روڪرائي ساڻن انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 05

ن تي پوليس جي لاٺي چارج واري عمل خلاف احتجاج ۽ مذمت ڪئي وئي. ان موقعي تي يوسي هوت فقير رند جي فوڪل پرسن، امتحان ڪاميٽي جي چيئرمين استاد انور علي رند، استاد محمد رفيق رند، استاد واحد بخش بروهي ۽ استاد انتظار علي رند ڳالهائيندي چيو ته ڪراچي ۾ پنهنجي جائز حقن لاءِ پرامن احتجاج ڪندڙ استادن تي پوليس جي لاٺي چارج ڪرڻ افسوسناڪ عمل آهي. هنن چيو ته استاد معاشري جو اهم ستون ۽ قوم جي مستقبل جا معمار آهن. جيڪي پنهنجي زندگي تعليم جي واڌاري ۽ نئين نسل جي تربيت لاءِ وقف ڪن ٿا. حڪومت کي گهرجي ته استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪري سنڌن پريشانيون ختم ڪيون وڃن. هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ تعليم واري وزير سيد سردار شاهه کان مطالبو ڪيو ته اين سي ايڇ ڊي جي استادن کي فوري طور ريگيولر ڪري ڪين بنيادي حق ۽ سهولتون فراهم ڪيون وڃن، جيئن ڪيترن ئي سالن کان پنهنجون تعليمي خدمتون سرانجام ڏيندڙ استادن سان انصاف ٿي سگهي

بقايا عوامي سوچ 06

سجاول اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ استادن شبير ميمڻ، رمضان باگهل، رضوان ميمڻ ۽ عابد علي خاصخيلي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته استادن سان ٿيندڙ ناانصافين ۽ ڪراچي ۾ مٿن ٿيل لٺبازي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. هنن چيو ته استاد معاشري جو معمار آهن. انهن سان اهڙو ورتاءُ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته استادن سان ٿيندڙ ناانصافيون بند ڪري ڪين عزت ۽ جائز حق ڏنا وڃن

بقايا عوامي سوچ 07

يءَ جو عملي مثال قائم ڪيو پيو وڃي. حسوا ويلفيئر طرفان ٿرپارڪر جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر سبمرسيبل واٽر پمپ لڳائڻ جو سلسلو جاري آهي. جنهن تحت هاٽي سولر واٽر پمپ سيريل نمبر 109 جو پڻ افتتاح ڪيو ويو آهي. ٿرجي ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ سبب عورتن، ٻار ۽ مالوند ماڻهو سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ حسوا ويلفيئر پاران سولر واٽر پمپ لڳائڻ واريون ڪوششون ٿرجي پياسين ماروئڙن لاءِ وڏي سهولت ثابت ٿي رهيون آهن. علائقي واسين پاران حسوا ويلفيئر جي چيئرمين حاجي غلام علي سينار ۽ سرپرستِ اعليٰ حاجي رفيق احمد بخاري جي انسان دوست خدمتن کي ساراهيندي سنڌن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 08

ور بحال ۽ فعال بڻائڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه جي سخت هدايتن تي ضلعي انتظاميا پاران غيرقانوني بس اڏن ۽ انڪروچمينٽ خلاف ڪارروائي ڪئي وئي، اسسٽنٽ ڪمشنر دادو سميع الله وڳڻ ۽ مختيارڪار دادو عبدالحميد ڪوڪر جي اڳواڻيءَ ۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس، اينٽي انڪروچمينٽ، ٽريفڪ پوليس ۽ ميونسپل عملي گڏجي جوهي موڙ پوليس پوسٽ پرسان انڊس هاءِ وي تي قائم غيرقانوني بس اڏن خلاف آپريشن ڪيو جنهن دوران ٽي بس اڏا سيل ڪري روڊن تي رکيل سامان ضبط ڪيو ويو. ڪارروائي دوران انتظاميا پاران غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ ۽ ٽريفڪ جي رواني بحال ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر دادو سميع الله وڳڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عدالت ۽ ڊپٽي ڪمشنر دادو جي حڪمن تي نيو بينظير ڀٽو بس ٽرمينل کي مڪمل طور فعال بڻائڻ ۽ غيرقانوني انڪروچمينٽ ختم ڪرائڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي، جيئن شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني برقرار رهي. شهرين ۽ مسافرن کي پريشانين کان بچائي سگهجي ۽ روڊ حادثن جي روڪٿام ممڪن بڻائي سگهجي. ٻئي طرف دادو جي نيو بينظير ڀٽو بس ٽرمينل بابت عوامي حلقن ۾ سوال اٿاريا پيا وڃن ته لڳ ڀڳ 20 سالن کان قائم هي بس ٽرمينل اڃا تائين مڪمل طور فعال ڇو نه ٿي سگهيو آهي؟ ٽرمينل غيرفعال هجڻ سبب مسافرن کي بس اسٽاپ تي ويهڻ، پيئڻ جي صاف پاڻي، صفائي سترائي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جڏهن ته مسافرن جون گاڏيون مختلف هنڌن تي بيهڻ سبب شهر جي روڊن تي ٽريفڪ جا مسئلا پڻ پيدا ٿين ٿا. شهرين ۽ مسافرن جو چوڻ آهي ته صرف غيرقانوني بس اڏا سيل ڪرڻ ۽ سامان ضبط ڪرڻ سان مسئلو حل نه ٿيندو، پر نيو بينظير ڀٽو بس ٽرمينل کي عملي طور مڪمل فعال بڻائي اتي مسافرن لاءِ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ به ضروري آهي. عوامي حلقن مطالبو ڪيو آهي ته ضلعي انتظاميا بس ٽرمينل کي فعال بڻائڻ لاءِ ٺوس ۽ مستقل قدم کڻي، جيئن سالن کان جاري مسافرن جي پريشانين جو خاتمو ٿي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 09

نامعلوم هٿياربند ڦورن عمرڪوٽ ۾ فروٽ ۽ ڀاڄيون خريد ڪرڻ لاءِ ويندڙ ٽن پورهيتن کي ڦري ورتو تفصيل موجب ڪنري جا رهواسي ٽي پورهيت ڪيول ڪولهي، ٻيرو ڪولهي ۽ ساجن ڪولهي روزگار جي سلسلي ۾ عمرڪوٽ مان فروٽ ۽ ڀاڄيون خريد ڪري ڪنري ۾ وڪرو ڪندا آهن ۽ انهيءَ محنت مزدوري ذريعي پنهنجي گهرڀاتين جو پيٽ پاليندا آهن. متاثر پورهيتن موجب هو اڄ صبح به روزگار جي سلسلي ۾ عمرڪوٽ وڃي رهيا هئا ته شاهه خان لنڪ روڊ پرسان ون ٽو فائي موٽرسائيڪل تي سوار ٽن نقاب پوش هٿيارن ڪين روڪي هٿيارن جي زور تي هڪ لک ۽ هزار رپيا روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦري فرار ٿي ويا. متاثر پورهيتن ٻڌايو ته هو غريب ۽ محنت مزدوري ڪندڙ ماڻهو آهن. فروٽ ۽ ڀاڄين جي خريداري لاءِ وڏي مشڪل سان رقم گڏ ڪندا آهن. جيئن اهي شيون وڪرو ڪري پنهنجن ٻارن ۽ گهرڀاتين جو گذر سفر ڪري سگهن. پر ڦورن سنڌن ڏينهن رات جي محنت جي ڪمائي ڦري ڪين سخت مالي نقصان پهچايو آهي. هنن چيو ته هڪ طرف مهانگائي اڳ ئي غريب عوام جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي ته ٻئي طرف ڏينهن ڏٺي جو ڦرجي وارداتن پورهيت طبقي کي وڌيڪ پريشان ڪري ڇڏيو آهي. هوڏانهن ڪنري ٿاڻي تي گذريل هڪ مهيني کان ايس ايڇ او جي مستقل مقرري نه ٿيڻ وارو معاملو پڻ ڳڻتي جو سبب بڻجي ويو آهي. شهري حلقن موجب ٿاڻي تي ايس ايڇ او جي مستقل مقرري نه هجڻ سبب پوليس جا انتظامي ۽ روزمره جا معاملا متاثر ٿيڻ سان گڏ علائقي ۾ پوليس جي ڪارڪردگي تي پڻ سوال اٿي رهيا آهن. جڏهن ته چوري ۽ ڦرجي وارداتن ۾ واڌ جون شڪايتون پڻ سامهون اچي رهيون آهن.

بقايا عوامي سوچ 10

هواسي خاصخيلي برادري جي ڪيترن ئي هٿياربند ماڻهن رات جي وقت سنڌس گهر تي جانو خاصخيلي جي ٻچ تي چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي هٿيارن جي زور تي سنڌس نوجوان زال مسمات صائمه خاصخيلي کي زبردستي اغوا ڪري کڻي ويا، جنهن بعد سنڌس 18 مهينن جي معصوم نياڻي بانو خاصخيلي کي ڇڏي ويا آهن. جيڪا ماءُ کي ياد ڪري بيمار ٿي پئي اهي. ڪارو خاصخيلي چيو ته هن پنهنجي زال کي اغوا ڪرڻ جي FIR جهمپير ٿاڻي تي اجمل خاصخيلي، الهڏنو، اختر، شريف، ڪمال خاصخيلي خلاف جانو خاصخيلي جي ٻچ تي سنڌس زال کي مبينا اغوا ڪري قيد بند ۾ رکڻ جو ڪيس داخل ڪرايو آهي، جنهن کي 4 مهينا گذرڻ باوجود پوليس نه سنڌس گهر واري کي بازياب ڪرائي سگهي آهي ۽ نه ئي سنڌس زال کي اغوا ڪندڙ جوابدارن کي جهمپير پوليس ٿي گرفتار ڪري جيڪي کلي عام گهمي وڌيڪ نقصان جون ڌمڪيون پيا ڏين، ڪارو خاصخيلي انڪشاف ڪندي چيو ته ڪيس هاڻي خبر پئي آهي ته سنڌس زال جو نڪاح مٿان نڪاح اجمل خاصخيلي سان ڪري سنڌس زال کي قيد ڪيو ويو آهي، هن چيو ته سنڌس زال اغوا ٿيڻ بعد سنڌس گهر مان پڻ چوري ٿي وئي اهي، جنهن ۾ ڪيش 2 لک 20 هزار رپيا رقم ڪڻڪ سميت گهر جا ڪپڙا ۽ ٻيو قيمتي سامان پڻ چوري ٿي ويو آهي، جنهن ۾ پڻ ساڳيا چور آهن. جنهن جي NC پڻ جهمپير ٿاڻي تي درج ڪرائي اٿم، پر پوليس ڪاب ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٺٽي، ايس ايڇ او جهمپير کان مطالبو ڪيو ته فورن ڪاروائي ڪري اغوا ٿي ويل سنڌس زال صائمه کي بازياب ڪرائي ڏيارڻ سميت جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزائون ڏيارڻ سان گڏ سنڌس ٿيل چوري واپس ڪرائي سنڌس زال سان نڪاح مٿان نڪاح وجهندڙ اجمل خاصخيلي ۽ سنڌس ساٿين توڙي بااثر شخص جانو خاصخيلي خلاف پڻ ڪاروائي ڪري سنڌس معصوم نياڻي کي سنڌس امڙ واپس ڏياري وڃي، جيئن معصوم نياڻي وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهي، هن چيو ته ڪيس انصاف نه مليو ته عدالت جو در کڙڪائيندو

بقايا عوامي سوچ 11

ج ڪندڙ پرائمري استاد ڀائرن ۽ ڀينرن سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو، ان موقعي تي گسٽا ضلعي انفارميشن سيڪريٽري حامد مغل ۽ يونٽ صدر عزيز احمد خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ اسڪول تي ڪارو جهنڊو چاڙهيو ويو. جڏهن ته استادن پاران ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي پرائمري استادن جي احتجاج جي حمايت ڪئي وئي. ان موقعي تي گسٽا يونٽ ۽ استاد ڀائرن ۽ ڀينرن سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪن ٿا. هنن مطالبو ڪيو ته گرفتار ڪيل استادن کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي ۽ استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن. هنن وڌيڪ چيو ته استادن جي عزت، تحفظ ۽ بنيادي حقن جو احترام ڪيو وڃي، ڇو ته استاد معاشري جي تعمير ۽ نئين نسل جي روشن مستقبل جا ضامن آهن

بقايا عوامي سوچ 12

پريس ڪانفرنس دوران حوا زال عبداللطيف چيو ته 7.10.26 تي منهنجي مڙس کي گولي هڻي پوءِ گنار ڏئي قتل ڪيو ويو، بدين پوليس اصل قاتل گرفتار نه ڪري رهي آهي ، مون اصل قاتلن جا نالا ب ايس ايس پي بدين کي ڏنا آهن پر پوليس اصل قاتل گرفتار نٿي ڪري ان سان گڏ منهنجو ڏير پڻ قاتلن جي ڳالهين ۾ اچي انهن کان پيسا وٺي خون لوڙهڻ پيو چاهي ، آئون عبداللطيف جي گهر واري ۽ وارث آهيان ايف آئي آر ۾ مون کي فريادي طور شامل ڪري جانچ ڪئي وڃي ۽ اصل قاتل جيڪي مون کي پڻ گهر وٺي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته چپ ڪري ويهي رهو نه ته توکي ب قتل ڪنداسين آئون هن پريس ڪانفرنس ذريعي آئي جي سنڌ ، ڊي آئي جي حيدرآباد ، ايس ايس پي بدين کي اپيل ٿي ڪريان ته اصل قاتل گرفتار ڪري مون کي انصاف ڏنو وڃي

بقايا عوامي سوچ 13

ن کي پهچندڙ نقصان توڙي زمينون بنجر بڻجڻ ڪري آبادگار سراپا احتجاج بڻجي ويا اهن، ان سلسلي ۾ ڪانٽي واهه ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن پاران هڪ اهم اجلاس ڪوٺائڻ بعد هڪ احتجاجي مظاهرو آبادگار اڳواڻن حقنواز رند، احمد رند، ڊاڪٽر امجد شورو، مدثر آرائين، شير نواز عرف ٽيپي عرف لائق رند، سعدالله بروهي، عبدالحفيظ شورو، شاڪر رند، رقم الدين شورو، گل حسن، هارون شورو ۽ ٻين ج. اڳواڻي ۾ ڪندي چيو ته ڪافي وقت کان ڪانٽي واهه توڙي ان مان نڪرندڙ مختلف واهن شورڪي واهه، نصيرلنڪ ۾ پاڻي پوڇڙ تائين نٿو پهچي جنهن ڪري هڪ طرف بيٺل فصل سوڪهڙي جو شڪار بڻجي ويا اهن ته ٻئي طرف زمينون پڻ پاڻي نه ملڻ ڪري بنجر بڻجي رهيون آهن، جنهن ڪري آبادگارن کي وڏو نقصان پهچي رهيو آهي.. هنن چيو ته انسان توڙي جانورن کي پيئڻ لاءِ ب پاڻي نٿو ملي، هنن گهر ڪئي ته ڪانٽي واهه ۾ قائم سمورا غيرقانوني واٽر ڪورس، ڌڪا، لوليون فوري طور ختم ڪري غلط ڊزائين تحت ٺاهيل ڪانٽي واهه کي توڙي صحيح ڊزائين موجب ٻيهر تعمير ڪري واهه اندر مٽيءَ جا بند، غيرقانوني رڪاوٽون ۽ بند ڪيل شاخ اندر موجود مٽي ايڪسيويٽر مشينن ذريعي فوري طور صاف ڪرائي پاڻي بنا ڪنهن ناجائز واري بندي جي آخري ٽيل تائين پهچايو وڃي. هنن چيو ته سنڌن جائز مسئلو 15 ڏينهن اندر حل نه ٿيو ته سخت احتجاج ڪيو ويندو. ان موقعي تي ايريگيشن ڪاتي توڙي روينيو ڪاتي جي عملدارن پوليس آفيسرن جي موجودگي ۾ آبادگارن سان ڳالهيون ڪري ڪانٽي واهه ۾ پاڻي کي پوڇڙ تائين جلد پهچائي 15 ڏينهن اندر سنڌن سمورا مسئلا حل ڪري ڪين پريشاني کان بچائڻ جي خاطري ڪرائي وئي.

بقايا عوامي سوچ 14

اهه شيرازي ڪيو. ان موقعي تي فش فارمرز، واپارين ۽ علائقي جي معزز شخصيتن جو وڏو انگ موجود هو افتتاحي تقريب کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳوڻي ايم پي اي سيد امتياز شاهه شيرازي، سينيئر فش فارمر سيد مهتاب شاهه مشهدي، سيد امجد شاهه، مالڪ خشڪ، محمد خان ملاح ۽ ٻين چيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سبب ٺٽي جي مڇي جي ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهن کي پنهنجي مڇي ڪراچي جي مارڪيٽن تائين پهچائڻ ۾ سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. جنهن ڪري ڪاروباري خرچ وڌي رهيا هئا ۽ منافعي ۾ گهٽتائي اچي رهي هئي. هنن چيو ته انهن ڏکيائين کي نظر ۾ رکندي سينيئر فش فارمرز ضلعي انتظاميا کان باقاعده اجازت حاصل ڪري شورا موري وٽ شاهه سچل سامي فش مارڪيٽ قائم ڪئي آهي، جنهن سان مقامي فش فارمرز، مهاڻن، واپارين ۽ پورهيتن کي پنهنجي ئي ضلعي ۾ ڪاروبار جا بهتر موقعا فراهم ٿيندا. سيد مهتاب شاهه مشهدي چيو ته ٺٽي ۾ قديمي شاهه گهور گنج فش مارڪيٽ سان گڏ نئين مارڪيٽ جي قيام سان ضلعي ۾ مڇي جي واپار کي وڌيڪ وسعت ملندي، روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا ۽ فش فارمرز پنهنجي ئي ضلعي ۾ رهي ڪامياب ڪاروبار ڪري سگهندا. هن ٻڌايو ته نئين شاهه سچل سامي فش مارڪيٽ روزانو منجهند جو 2 وڳي شروع ٿيندي، جڏهن ته قديمي شاهه گهور گنج فش مارڪيٽ رات جي وقت ڪم ڪندي. ٻنهي مارڪيٽن جا الڳ الڳ وقت مقرر ٿيڻ سان ڪاروباري سرگرمين ۾ واڌ ٿيندي ۽ ٺٽي جي فش انڊسٽري کي هٿي ملندي.

بقايا عوامي سوچ 15

س ڪتاب گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ميگهواڙ ڪالوني مٺي جي شاگردن ۾ تقسيم ڪيا ويا ان حوالي سان اسڪول ۾ هڪ تقريب ٿي گذري جنهن ۾ ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ٿرپارڪر مڪيش ڪمار پروهت، هيڊ ماسٽر رسول بخش سمون، مهيش رائي، نندلال هيرائي فوڪل پرسن سنڌ ٽيڪسٽ بڪ، درشن ڪمار، مهيش ايسرائي ۽ ٻين استادن شرڪت ڪئي ۽ گائيتري منتر سان تقريب جو آغاز ڪيو ويو مقررين چيو ته پاڪستان هميشه مذهبي رواداريءَ، هم آهنگي جو اعلي مثال قائم ڪيو آهي ۽ هر ڪنهن کي پنهنجي مذهب مطابق زندگي گذارڻ جو پورو پورو اختيار حاصل آهي ۽ هندو ڌرم جي ٻارن کي انهن جي مذهبي تعليم حاصل ڪرڻ گهرجي

بقايا عوامي سوچ 16

ڊ سٽل، ڪوهستان واسين پکين سميت سهي (خرگوش) جي نسل ڪشي کي روڪرائي شڪارين خلاف ڪاروائي جي گهر ڪري ڇڏي آهي، ان سلسلي ۾ ڪوهستان جي سماجي اڳواڻ ڪوهستاني محمد انور جاکرو صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڪوهستاني پٽي ۾ مختلف پکين تتر، ٻاٽيرو، تلور ۽ ٻين پکين جو شڪار غيرقانوني طريقي سان جاري آهي ته وري رات جو ڪوهستاني پٽي ۾ سهن (خرگوش) جو شڪار پڻ غير قانوني طور شڪارين پاران ڪيو پيو وڃي، جن کي ڪير ب روڪڻ وارو ناهي، جنهن ڪري سهن جي پڻ نسل ڪشي تيزي سان جاري اهي، پر وائلڊ لائيف کاتو اگهور ننڊ سمهي شڪارين خلاف ڪاب ڪاروائي

شڪارين خلاف ڪاروائي ڪري پکين توڙي جانورن جي نسل ڪشي کي روڪي مقامي ماڻهن کي روزگار سميت صحت جون سهولتون مهيا ڪيون وڃن.

بقايا عوامي سوچ 17

ڪارروائي بعد وارثن حوالي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو تفصيل موجب داد لغاري ويجهو 8 نمبر واري علائقي ۾ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ پندرنهن ورهين جو نوجوان نينگر فيصل مهر پٽ عبدالله مهر چيهاڻي فوت ٿي ويو جنهن بعد نوجوان نينگر کي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي جڏهن ته نوجوان نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا عوامي سوچ 18

ن ۽ راندين جي مرڪزن وچ ۾ ٽائڪوانڊو جا مقابلا 2026ع منعقد ڪرايا ويا. تقريب جا مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ۽ راندين واري ڪاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري ڊاڪٽر اسد اسحاق هو. جن مختلف مقابلن ۽ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ رانديگرن ۾ ميڊل ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ ورهايا ۽ سنڌن همت افزائي ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد چيو ته راندين جو صحتمند معاشري جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار آهي. راندين سان نوجوانن ۾ نظم و ضبط، خود اعتمادي، سهپ، محنت ۽ اڳتي وڌڻ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو ۽ ٽائڪوانڊو جهڙيون رانديون نوجوانن کي جسماني ۽ ذهني طور سگهارو بڻائڻ سان گڏ ڪين پنهنجي صلاحيتن ڏيکارڻ جو بهترين موقعو پڻ فراهم ڪن ٿيون. هن چيو ته ضلعي انتظاميه راندين جي هٿي وٺرائڻ ۽ نوجوان پنهنجو ڪردار ادا ڪري پئي. ان موقعي تي راندين واري ڪاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري ڊاڪٽر اسد اسحاق چيو ته صوبائي وزير جي هدايتن تي صوبي ۾ راندين جي هٿي وٺرائي پئي وڃي، جيئن سنڌ جي نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪري سگهجي. هن چيو ته نوجوانن کي تعليم سان گڏوگڏ مثبت ۽ صحتمند سرگرمين ۾ پڻ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي. تقريب ۾ ڪراچي ايسٽ جي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر اسماعيل شاهه سميت ٻين شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 19

ي عدم موجودگي ۽ دوائن جي کوٽ برقرار شهرين جي شڪايتن تي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر رائو آفتاب کي ساڻ ڪري ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو پهتو جتي هن ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر سرفراز علي شاهه ۽ مختلف شعبن جي ميڊيڪل آفيسرن سان گڏجاڻي ڪري اسپتال جي انتظامي معاملن ۽ صحت جي سهولتن جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽرن کي هدايت ڪئي ته هو وقت جي پابندي سان پنهنجا فرض ادا ڪن. جيئن اسپتال ۾ علاج لاءِ ايندڙ مريضن کي بهتر ۽ معياري طبي سهولتون فراهم ڪري سگهجن. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ضلعي جي هڪ اهم ۽ وڏي صحت مرڪز جي حيثيت رکي ٿي، جتي ضلعي جي مختلف علائقن مان مريض علاج لاءِ اچن ٿا. تنهنڪري اسپتال جي سمورن شعبن جي فعال رکڻ ۽ مريضن کي علاج جون بهتر ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ اسپتال انتظاميا جي اولين ترجيح هجڻ گهرجي. هن ايم ايس کي هدايت ڪئي ته اسپتال جي سمورن شعبن جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو وڃي ان سلسلي ۾ ضروري دوائن جي دستيابي ۽ صفائي سترائي کي پڻ يقيني بڻايو وڃي. جڏهن ته پيرا ميڊيڪل عملي کي ب پابند بڻايو وڃي ته هو وقت جي پابندي ڪرڻ سميت مريضن ۽ سنڌن وارثن سان بهتر رويو اختيار ڪن. گڏجاڻي دوران ڊپٽي ڪمشنر ڊي ايڇ او کي پڻ هدايت ڪئي ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو سميت ضلعي جي سمورين سرڪاري اسپتالن جي باقاعدگيءَ سان نگراني ڪئي وڃي ۽ صحت جي سهولتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن

بقايا عوامي سوچ 20

تشدد ۽ شيلنگ ۽ استادن جي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب مٺي اڳيان احتجاج ڪيو ويو، جنهن جي اڳواڻي پ ٽ الف تعلقي مٺي جي صدر الهوسايو ڪئي. احتجاج ۾ پ ٽ الف مٺي ستي جي صدر نثار احمد بجير، بابو چنڊاٽي عبدالجبار بجير، خوشحال داس سميت ڪيترن ئي استادن شرڪت ڪئي ۽ استادن تي ٿيل پوليس تشدد جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي هنن چيو ته استادن سان ڪيل ظلم جو انصاف ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ سنڌ سرڪار کي ڏنل چارٽر آف ڊمانڊ تي عمل ڪري استادن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 21

ي پڙهائي ۽ تدريسي سرگرمين جو جائزو ورتو ويو تفصيل موجب، پهرين وزٽ دوران ٽي اي او پرائمري تعلقو مٺي عطاالرحمان بجير اسڪول جو دورو ڪيو ۽ ٻارن سان تعليمي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪندي سنڌن پڙهائي بابت حال احوال ورتا. ان موقعي تي هن اسڪول جي بهتر ڪارڪردگي ۽ استاد رامچند ڀيل جي محنتن ۽ ڪاوشن کي ساراهيو. جڏهن ته ٻئي وزٽ دوران ايس سي آءِ اداري جي سي اي او سجاد حسين ملڪ، ڊسٽرڪٽ مينيجر فهيم حيات نهڙي ۽ عبدالستار جوڻيجو اسڪول جو دورو ڪيو دوري دوران خاص طور نياڻين کان تعليمي سرگرمين بابت پڇا ڳاڇا ڪئي وئي. اداري جي نمائندن پاران اسڪول کي جلد اسٽيشنري جو سامان فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي. ان موقعي تي سي اي او سجاد حسين ملڪ چيو ته نياڻين جي پنجين ڪلاس کان اڳتي تعليم جاري رکڻ لاءِ علائقي ۾ تعليمي سينٽر کولڻ جون ڪوششون ڪيون وينديون، جيئن ڳوٺ جون نياڻيون پرائمري تعليم کان پوءِ ب پنهنجي پڙهائي جاري رکي سگهن. اداري جي نمائندن پاران استاد رامچند ڀيل ۽ اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽي جي چيئرمين وشنو ڀيل جي تعليمي بهتري لاءِ ڪيل ڪوشش کي پڻ ساراهيو ويو ان موقعي تي ڳوٺ جا معزز،

تحفظ ۽ شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ رڪارڊ آف رائٽس جي موجوده قاعدن ۽ ضابطن تي سختي سان عمل ڪيو وڃي. هن چيو ته روينيو رڪارڊ حڪومت ۽ عوامي رڪارڊ آف رائٽس کي لاڳاپيل هڪ اهم دستاويز آهي، جنهن جي درستگي ۽ تحفظ کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. گڏجاڻي ۾، ريجنل روينيو آفيسر منظور احمد لغاري، رڪارڊ آف رائٽس جي تاريخي پس منظر ۽ قانوني طريقيڪار تي بريفنگ ڏيندي چيو ته سنڌ ۾ رڪارڊ آف رائٽس تحت روينيو ڪاتي پاران فارم نمبر 7 جاري ڪرڻ ۽ تيار ڪرڻ جو عمل 1920 کان شروع ٿيو هو. جڏهن ته رڪارڊ آف رائٽس جو پهريون مرحلو 1925 کان 1928 تائين ۽ ٻيو مرحلو 1955 کان 1957 تائين مڪمل ڪيو ويو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته روينيو ڪاتي جي اعليٰ اختيارين کي سفارشون موڪليون ويون آهن ته تعلقي سطح تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جي سربراهي ۾ ڪميٽيون ٺاهيون وڃن ۽ ضلعي سطح تي روينيو آفيسرن لاءِ آگاهي سيشن منعقد ڪيا وڃن ته جيئن رڪارڊ آف رائٽس جي قاعدن ۽ ضابطن تحت روينيو رڪارڊ کي درست ۽ محفوظ بڻائي سگهجي. ان موقعي تي، آن لائن ٿي زوم ذريعي سينيئر روينيو آفيسر رڪارڊ آف رائٽس جي قاعدن ۽ ضابطن جي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ، تا جيئن روينيو رڪارڊ جي درستگي، رجسٽريشن، اثراتي نگراني ۽ تحفظ کي ممڪن بڻائي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 23

پاران اياز آخوند غلام رسول اوٺو ممتاز ساقي، آفتاب بلاولي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بوائز پرائمري اسڪول کان چوڪ جمالي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ريلي يڪجهتي طور گسٽا اڳواڻ عظيم آخوند جاويد احمد ڪٽي خالد بلاولي غلام علي صديقي سميت ٻين استادن شرڪت ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن چيو ته هڪ طرف استادن جا جائز مطالبا تسليم نٿا ڪيا وڃن ته ٻئي طرف پرامن احتجاج ڪرڻ تي استادن تي لٺ بازي ڪري واٽر ڪينن جو استعمال ڪري ڪين تشدد جو نشانو بڻايو وڃي ٿو ان سان پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا تائين احتجاج جاري رکنداسين

بقايا عوامي سوچ 24

مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ گورنمينٽ پرائمري ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي مظاهرو ڪيو. هيڊ ڪوارٽر ڪيٽي بندر جي شهر ڪيهاڻ ۾ استاد برادري طرفان ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. پرائمري اسڪول ڪيٽي بندر تي استادن جي اڳواڻ احمد سمون، نياز احمد ميمڻ، رزاق صوبائي، حبيب الله جانيارو جي اڳواڻي ۾ سخت احتجاج ڪيو ۽ ريلي ڪڍي وئي، انهيءَ موقعي تي پ ٽ الف ڪيٽي بندر جي اڳواڻن چيو ته تيستائين احتجاج ختم نه ٿيندو جيستائين احتجاج جاري رهندو. هنن چيو ته سنڌ ۾ استادن سان ناانصافي ٿي رهي آهي. جيڪا ڪنهن به صورت ۾ استاد برداشت نه ڪندا هنن چيو ته پنجاب صوبي ۾ استادن کي وڏا فائدا حاصل آهن پر سنڌ جي استادن کي بجاءِ اهي سهولتون ڏيڻ جي استادن تي آنسو گيس ۽ فيلڊ هنيا پيا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 25

ين ۽ سول سوسائٽي جو احتجاجي جامشورو جي باريجا ڀائر صحافين خلاف هڪ بااثر شخص جي پوليس جي ٿيندڙ پوليس ڪارروايون، سنڌن گهرن تي چڙهائيون ۽ عورتن جي تذليل خلاف پي ايف يو جي جي طرفان چيف آرگنائيزر شاهد خاصخيلي، شوڪت پنهور، فهد سلطان چانڊيو، علي جان پنهور، سيد محمد خالد جي اڳواڻيءَ ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جنهن ۾ هاءِ ڪورٽ ميرپورخاص جي صدر شوڪت راهمون، سول سوسائٽي اڳواڻ فقير شيوا ڪوڇي، نور محمد مري صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي صحافين چيو ته هي پهريون ڀيرو ناهي، ان کان اڳ به باريجا ڀائر صحافين خلاف ڪارروايون ٿينديون رهيون آهن. جنهن ۾ پوليس هڪ بااثر شخص جي چرچ ۾ انتقامي ڪارروايون ڪري رهي آهي. هنن چيو ته واقعي ۾ مارجي ويل گلشير برفت جي قتل جي سخت مذمت ڪريون ٿا ۽ گڏوگڏ گهر ڪريون ٿا ته ان سموري معاملي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي. پوليس پاران ٺاهيل جاچ ڪميٽي جوڙي وئي آهي، ان کي اسان ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون. ڇاڪاڻ ته هن واقعي ۾ خود پوليس ڌر بڻيل آهي، جيڪا صحافين خلاف ڪيس داخل ڪري رهي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته باريجا ڀائر صحافين کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي ۽ گهرن تي چڙهائي ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 26

شڪارپور ظهور احمد نوناري، ايڪسيئن شفقت لاشاري ۽ ايس ڊي او علي لاشاري سميت لاڳاپيل عملدار موجود هئا. ان موقعي تي شهرين بجليءَ بابت پنهنجون شڪايتون پيش ڪيون، شڪايتن ۽ خدشا عملدارن آڏو پيش ڪيا. جنهن تي اختيارين عوام جا مسئلا ٻڌا ان موقعي تي شهرين چيو ته هو ته ماضيءَ ۾ به اهڙيون ڪيتريون ئي کليون ڪچهريون منعقد ٿي چڪيون آهن، پر افسوس جو اڃا تائين عوام کي اوور بلنگ، ڊيٽيڪشن بلن ۽ بجليءَ جي ٻين مسئلن مان خاص ڇوٽڪارو نه ملي سگهيو آهي شهرين شڪايت ڪندي چيو ته بار بار شڪايتون ڪرڻ ۽ کليون ڪچهريون منعقد ٿيڻ باوجود مسئلا جيئن جو تيئن برقرار آهن، جنهن سبب عام بجلي صارفين سخت پريشانيءَ جو شڪار ٿيل آهن. عوام ڊپٽي ڪمشنر ۽ سيپڪو جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته رڳو کليل ڪچهريون ڪرڻ ڪافي ناهي، پر شهرين جي شڪايتن جو عملي طور ازالو ڪيو وڃي، ۽ اوور بلنگ ۽ غيرضروري ڊيٽيڪشن بلن جو خاتمو آڻي بجلي صارفين کي فوري طور تي رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 27

۾ سروس استيڪرانيشل اپائنٽمينٽ کان ريگيولر ڪرڻ گروپ انشورنس جيڪي

ٻه اجازت نه ڏينداسين. سنڌ اسان جو تاريخي، ثقافتي ۽ قومي ورثو آهي، جنهن جي وحدت ۽ بقا لاءِ هر محاذ تي جدوجهد جاري رکنداسين. هن چيو ته سرسبز ۽ شاداب سنڌ غلط حڪمراني ۽ حڪمرانن جي نااهلي سبب تباهي جي ڪناري تي پهچي وئي آهي. پيٽرول، گئس ۽ ڪوئلي جهڙا قدرتي وسيلا پيدا ڪندڙ سنڌ جا رهواسي اڄ ٻه بنيادي حقن لاءِ پريشان آهن. جيڪا حڪمرانن جي ناڪام پاليسين جو چٽو ثبوت آهي. هن وڌيڪ چيو ته سجاول ضلعي ۾ ب گئس جا وڏا ذخيرا موجود آهن. پر افسوس جو قدرتي وسيلن سان مالامال هن ڌرتيءَ جا اصل وارث بنيادي سهولتن ۽ خوشحالي کان محروم آهن جسقم جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل پنهل ساريو خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي وحدت تي وار ڪندڙ ڪنهن ب سازش کي برداشت نه ڪيو ويندو. سنڌ ڪوئي صوبو ناهي، جنهن جي جاگرافيائي حيثيت سان حڪمران پنهنجي مرضيءَ جا فيصلا ڪن. سنڌ جي زمين، وسيلن ۽ قومي سڃاڻپ تي ڪنهن ب قسم جي سوديبازي قبول نه ڪئي ويندي. سنڌ جا وسيلا سنڌ جي ماڻهن جي ملڪيت آهن. انهن وسيلن تي پهريون حق سنڌ جي عوام جو آهي. جيڪڏهن سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ ۽ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ ناانصافيون بند نه ڪيون ويون ته قومي حقن جي جدوجهد وڌيڪ تيز ڪئي ويندي. هن ڪارڪنن ۽ شهرين کي اپيل ڪئي ته سنڌ جي قومي حقن، وحدت ۽ وسيلن جي مالڪي لاءِ 22 نومبر تي ڪراچي ۾ ٿيندڙ پروگرام ۾ ڀرپور شرڪت ڪري قومي بيداريءَ جو ثبوت ڏين.

بقايا عوامي سوچ 29

ٻي آفيس ٺٽو ۾ هڪ سادي ۽ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن دوران ضلعي ٺٽو ۾ پنهنجا فرض سرانجام ڏيندڙ هندو برادري سان تعلق رکندڙ پوليس ملازمن ۽ عملدارن کي ڏياري جون مبارڪون ڏنيون ويون. ان موقعي تي ايس ايس پي عديل حسين چانڊيو پاران هندو پوليس ملازمن ۾ مٺائي ۽ تحفا ورهايا ويا ۽ سنڌن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي ايس ايس پي ٺٽو چيو ته پاڪستان جي ترقي ۽ ڪاميابي ۾ هندو برادري جو اهم ڪردار رهيو آهي، ملڪ ۾ اقليتن کي برابري جا حق حاصل آهن ۽ سنڌ پوليس سميت پاڪستاني عوام اقليتي برادري جي خوشين ۾ برابر جا شريڪ آهي.

بقايا عوامي سوچ 30

/ پرائمري ٽيچرس ايسوسي ايشن جيڪب آباد خبر موجب ڪراچي ۾ استادن جي حقن جي حاصلات لاءِ پرامن احتجاجي ريلي مٿان رياستي دهشتگردي ۽ رياستي جبر خلاف پ ٽ الف ضلع جيڪب آباد جي صدر ڊاڪٽر عبدالجبار ڪوسو جي هدايتن تي جيڪب آباد ۾ ستي جي قائم مقام صدر غلام سرور سومرو ۽ تعلقي جي قائم مقام صدر محمد بخش ٻگهيو جي اڳواڻي ۾ ستي ۽ تعلقي جيڪب آباد جي استادن ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج رڪارڊ ڪرايو انهيءَ دوران ڏيون استادن پاران ڊي سي چوڪ گهيراءُ ڪري ٽائر ساڙيا ويا. پ ٽ الف ستي جيڪب آباد جي گهوٽ ڪرڪيو وٽ محترم ذوالفقار علي لاشاري، قائم مقام جنرل سيڪريٽري غلام حسين مڱريو ، ضلعي آفيس سيڪريٽري نيرج ڪمار، حاجي تاج محمد سومرو، حبيب الله مستوئي، ستي جي انفارميشن سيڪريٽري آصف علي عمراڻي، مظفر ابڙو، عبدالله مهر، وڪرنگ ڪاميٽي جي ميمبرن ۽ ٻين جي تعلقه جي استاد صاحبان جي وڏي انگ شرڪت ڪري ڪالا واري واقعي جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪري مطالبو ڪيو ته حڪومتي لولي پاپ کي قبول نه ڪنداسين استادن جي چارٽر آف ڊمانڊ تي عمل ڪيو وڃي ۽ ان مطالبن ترجيحي بنيادن تي منظور ڪيا وڃن هنن وڌيڪ مطالبو ڪندي چيو ته ڪراچي ۾ پرامن مظاهري تي تشدد ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 31

۽ چرس وڪرو ڪرڻ جي الزام ۾ چئن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. گرفتار جوابدارن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ آئس ۽ چرس هٿ اچڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. پوليس موجب آيل منشيات پنهنجي تحويل ۾ وٺي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ڪين لاڪ اپ ڪري جاچ تفصيل موجب ڪنري شهر ۾ منشيات جي خريد ۽ وڪري خلاف پوليس جون ڪارروايون جاري آهن ان سلسلي ۾ پوليس ان فائيو انچارج ساجد ڪنڀار ۽ ڊيلٽو پي سي امير حسن شاهاڻي جي اڳواڻي ۾ پوليس ٽيم ڳجهي اطلاع تي شهر جي بلوچ پاڙي ۾ ڪارروائي ڪئي جنهن دوران مبينا طور منشيات جو ڪاروبار ڪندڙ چئن جوابدارن، محبت بلوچ، قاسم بلوچ ۽ شفو شيدي کي گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ آئس ۽ چرس هٿ ڪئي وئي، جيڪا پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏي بعد ۾ گرفتار جوابدارن خلاف منشيات رکڻ ۽ وڪرو ڪرڻ جي الزام هيٺ ڪيس داخل ڪري ڪين لاڪ اپ ڪيو ويو شهري حلقن پوليس ڪارروائي کي ساراهيندي چيو ته منشيات جي وڪري سبب نوجوان نسل جي مستقبل لاءِ ڳڻتي جوڳي صورتحال پيدا ٿيندي آهي. هنن منشيات فروشن خلاف ٻين ڪارروايون جاري رکڻ ۽ شهر ۾ منشيات جي مڪمل خاتمي جي گهر ڪئي آهي ته جيئن نوجوان نسل کي هن لعنت کان محفوظ رکي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 32

صلي جي روشني ۾ سيشن 2026 ع کان 2028 ع تائين ٻن سالن جي مدت لاءِ نون ضلعي عهديدارن جي مقرري ڪري ڇڏي آهي. ضلعي شوري جي فيصلي موجب عبدالڪريم بليدي کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته غلام رسول احمداڻي، انجنيئر علي مردان شاهه، پروفيسر علي احمد بليدي ۽ ڊاڪٽر شمس الدين محمد عظيم کي نائب امير ضلع جون ذميواريون سونپيون ويون آهن. اهڙيءَ طرح فتح خان ڪوسو، سليم جوڻيجو ۽ جواد سعيد کي اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سيد داؤد شاهه، محمد حسن بليدي ۽ پير علي احمد شاهه کي امير

ف حسين، آفتاب ميراڻي ۽ ٻين سان تعزيت ڪري گهري ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي پ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران انجنيئر مرحوم غلام قادر ميراڻي جي مغفرت لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري. ان موقعي تي ايم پي اي جميل احمد سومرو، ايم پي اي سهيل انور سيال، ايم اين اي خورشيد جوڻيجو، ايم اين اي اعجاز احمد جکراڻي ۽ ٻيا اڳواڻ توڙي ڪارڪن پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 34

ٺام ۽ طبي سهولتن جو جائزو ميرپورخاص ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو فيصل علي سومرو ضلعي انساني حقن واري ڪميٽي ميرپورخاص جي ميمبرن سان گڏ پٽائي ڊينٽل ڪاليج ميرپورخاص ۽ سول اسپتال اولڊ ميرپورخاص جو دورو ڪري مريضن جي حقن، هراسان ڪرڻ جي روڪٿام، طبي سهولتن ۽ ٻين انتظامن جو جائزو ورتو. پٽائي ڊينٽل ڪاليج جي دوري دوران وفد مختلف شعبن جو معائنو ڪيو ۽ علاج هيٺ مريضن سان ملاقات ڪري ڪين فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن، عملي جي رويي ۽ ٻين ممڪن شڪايتن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. وفد پاران باهه کان بچاءَ جي انتظامن، فائر ايڪسٽنگوشرز ۽ فائر الارم سسٽم جو پڻ جائزو ورتو ويو. ڪميٽي جي ميمبرن مرد ۽ عورت ڊاڪٽرن سان ملاقات ڪري ڪم واري هنڌ تي هراسان ڪرڻ جي روڪٿام بابت معلومات حاصل ڪئي. جڏهن ته ڪنهن ب ڊاڪٽر پاران اهڙي قسم جي ڪا شڪايت سامهون نه آئي. بعد ۾ وومين پوليس اسٽيشن جي ايس ايڇ او مومل لغاري سان گڏ گرلز هاسٽل جو دورو ڪيو ويو. جتي شاگرديائڻين کان سنڌن حفاظت ۽ رهائشي ماحول بابت پڇا ڳاڇا ڪئي وئي. شاگرديائڻين هاسٽل جي ماحول تي اطمينان جو اظهار ڪندي هراسان ڪرڻ بابت ڪنهن ب شڪايت جي نشاندهي نه ڪئي. ڪميٽي ڪاليج ۽ هاسٽل ۾ صفائي سترائي جي انتظامن کي مجموعي طور اطمينان بخش قرار ڏنو. جڏهن ته ڪينٽين جي ڀرپاسي ڪجهه وزيٽرن پاران پان ٿڪڻ ۽ صفائي جي اصولن جي ڀڃڪڙي کي روڪڻ لاءِ لاڳاپيل انتظاميا کي آگاهي مهم هلائڻ سان گڏ ضابطن موجب ضروري قدم کڻڻ جي صلاح ڏني. ان موقعي تي ضلعي انساني حقن واري ڪميٽي پاران ڪاليج ۾ شڪايتن وارو باڪس جو پڻ افتتاح ڪيو ويو ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو فيصل علي سومرو چيو ته هن باڪس ذريعي مريض، شاگرد ۽ ٻيا لاڳاپيل ماڻهو طبي ۽ انتظامي معاملن سميت انساني حقن بابت پنهنجون شڪايتون داخل ڪرائي سگهندا. جن جو جائزو وٺي ضروري ڪارروائي لاءِ لاڳاپيل اختيارين ڏانهن اماڻيو ويندو. هن ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر مشتاق کي هدايت ڪئي ته ڊاڪٽرن، عملي ۽ شاگردن جي آگاهي لاءِ ڪاليج، اسپتال ۽ هاسٽل جي نمايان هنڌن تي انساني حقن، مريضن جي حقن، پيشورانه اخلاقيات ۽ هراسان ڪرڻ جي روڪٿام بابت آگاهي وارا بينر لڳايا وڃن، جيئن اداري ۾ محفوظ، باوقار ۽ هراسان ڪرڻ کان پاڪ ماحول کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي. ان کان پوءِ ضلعي انساني حقن واري ڪميٽي ميرپورخاص پاران سول اسپتال اولڊ ميرپورخاص جو دورو ڪيو ويو. ڪميٽي ايمرجنسي وارڊ، گائني وارڊ ۽ ڊائلاسز سينٽر سميت مختلف شعبن جو جائزو ورتو ۽ اتي موجود عملي سان ملاقات ڪري ڳالهه ٻولهه ڪئي. ڪميٽي جي ميمبرن عملي کان مريضن، خاص طور عورتن کي فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن، سنڌن حقن جي تحفظ ۽ هراسان ڪرڻ جي روڪٿام لاءِ کنيل قدمن بابت معلومات حاصل ڪئي. ان موقعي تي ڊائلاسز سينٽر ۾ موجود ڊاڪٽر قيس رضا ڪميٽي کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سينٽر ۾ ڊائلاسز جون 16 مشينون فعال آهن ۽ مريضن کي ڊائلاسز جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. دوري دوران ڪميٽي مختلف شعبن ۾ موجود طبي سهولتن ۽ انتظامن جو جائزو وٺندي وڌيڪ بهتري لاءِ ڪجهه معاملن جي نشاندهي پڻ ڪئي. ڪميٽي چيو ته دوري دوران سامهون آيل معاملن ۽ ضرورتن بابت لاڳاپيل اعليٰ اختيارين کي آگاهه ڪيو ويندو، جيئن موجود وسيلن موجب وڌيڪ بهتري ۽ ضروري قدم کڻي سگهجن. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو فيصل علي سومرو، ڊپٽي ڊائريڪٽر هيومن رائيٽس ڊپارٽمينٽ ميرپورخاص معز حسين، ڊاڪٽر فرحان اشرف، ايڊووڪيٽ سنديپ ڪمار مهيشوري، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر قربان علي، ايس ايڇ او وومين پوليس اسٽيشن مومل لغاري، ڊپٽي ڊائريڪٽر اطلاعات غوث محمد پناهه، ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ پٽائي ڊينٽل ڪاليج ڊاڪٽر مشتاق، ايڊمنسٽريٽر گروپ آف هاسپيٽلز عامر شڪور، ايڊمنسٽريٽر فيض علي سيال، اعجاز علي ۽ ڪميٽي جا ٻيا ميمبر پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 35

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ لاڙڪاڻو يونين آف جرنلسٽس ڊويزن طرفان ڪونٽري / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 35

جي سينئر صحافي عظيم باريجو ۽ سنڌس ڀائرن مٿان ڪيس داخل ڪري ڪين

سنڌ جا صحافي غير محفوظ بڻيل آهن، جن کي هميشه هراسان ڪري ڪين پريشان ڪيو پيو وڃي، پر ان باوجود قلم ڌڻي غريب، مسڪين ۽ بي پهچ ماروئڙن جو آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ سان گڏ ڪارن ڪاروبارن کي عوام آڏو وائکو ڪندا رهن ٿا، جن کي اسين جس ٿا پيش ڪريون. هنن مطالبو ڪيو ته ڪوٽڙي جي سينئر صحافي عظيم باريجو ۽ سنڌس ڀائرن مٿان داخل ڪيل ڪيس ختم ڪرڻ سان گڏ ڪين فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 36

فڪيٽ ورهايا ويا، پنهنجو سلائي سينٽر قائم ڪرڻ جو عزم، سي اي او انجنيئر مشتاق رانوڙ جي ڪوشش کي ڀيٽا پيش عمرڪوٽ ۾ عورتن ۽ نياڻين کي هنر سيکاري خودمختيار بڻائڻ ۽ ڪين باعزت روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ ايف ايس ڊي آءِ (FSDI) تنظيم پاران شروع ڪيل سلائي ڪورس ڪاميابيءَ سان مڪمل ٿي ويو. ڪورس جي پڄاڻيءَ تي هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ تربيت مڪمل ڪندڙ شاگرديائڻين ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. ان موقعي تي ايف ايس ڊي آءِ جي سي اي او انجنيئر مشتاق رانوڙ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته تنظيم جو بنيادي مقصد عورتن ۽ نياڻين کي فني تربيت فراهم ڪري ڪين معاشي طور خودمختيار بڻائڻ آهي. سلائي جهڙي هنر ذريعي عورتون گهر ويٺي به پنهنجو روزگار شروع ڪري سگهن ٿيون ۽ پنهنجي خاندان جي معاشي سهائتا ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. هن چيو ته ايف ايس ڊي آءِ مستقبل ۾ ب اهڙا فني تربيتي پروگرام جاري رکڻ جي ڪوشش ڪندي، جيئن وڌيڪ عورتون هنر سکي پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن. ان موقعي تي ڪورس مڪمل ڪندڙ شاگرديائڻين صحافين سان ڳالهائيندي انجنيئر مشتاق رانوڙ ۽ سنڌس ٽيم جا ٿورا مڃيا. هنن چيو ته تنظيم جي سي اي او جي دلچسپي، سهڪار ۽ رهنمائي سبب ڪين سلائي سکڻ جو بهترين موقعو مليو مشتاق رانوڙ عورتن کي خودمختيار بڻائڻ لاءِ جنهن جذبي سان ڪم ڪري رهيو آهي، اهو ساراهه جوڳو عمل آهي. شاگرديائڻين ٻڌايو ته ڪورس دوران ڪين سلائي جا مختلف هنر ۽ ڪپڙا سبڻ جي عملي تربيت ڏني وئي، جنهن سان سنڌن صلاحيتن ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ هاڻي هو پنهنجو روزگار شروع ڪرڻ جي قابل ٿي ويون آهن.

بقايا عوامي سوچ 37

ن، ملڪيتن جي ڦرلٽ ۽ گهرن ۾ موجود نياڻين جي مبينا تذليل خلاف حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس ۽ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (PFUJ) جي مرڪزي سڏ تي ضلعي دادو يونٽ، دادو پريس ڪلب، واپاري، ادبي، استاد، فنڪار ۽ سول سوسائٽي جي مختلف تنظيمن پاران دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڪچهري روڊ ٻورائي، لياقت علي ملڪ، علي گل چنا، ي ڌرڻو هنيو ويو. جنهن دوران پوليس ۽ انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي، احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي اڳواڻ ولي محمد لنڊ، ايڇ يو جي ضلعي دادو جي صدر گلڻ پنڊ، ولي چانڊيو، دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ، سرور جلال سولنگي، تعلقي صدر الاهي بخش خشڪ، ڪامران ڪورائي، لياقت علي ملڪ، علي گل چنا، جاويد احمد لغاري، محمد رفيق چنه سخي سردار سخي چارڻ، احمد خان زئور، عنايت جمالي، لالا رفيق زئور، راجا رفيق پنهور، نديم شاهاڻي، ممتاز علي پنڊ، پير بخش شاهاڻي، حبدار ٻبر، ارباب رستماڻي، گاجي مگريو، شعيب ٿهيم، خالد عباسي، صابر آرائين، مختيار سومرو، سليم پنهور، نازش پنهور، ممتاز پنهور، قربان ڪوسو، زاهد ڪوسو، اسد ڪورائي، غلام نبي لغاري، نياز چانڊيو، شڪيل ابڙو، عزيز خاصخيلي ۽ ٻين ڪئي، ان موقعي تي احتجاجي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته صحافي عظيم باريجو تي عدالتي احاطي اندر قاتلاڻو حملو ۽ نوجوان دلشير برفت جو قتل انتهائي افسوسناڪ واقعا آهن. جڏهن ته انهن واقعن کانپوءِ باريجا صحافي ڀائرن جي گهرن تي جامشورو پوليس جي چڙهائي، گهرن کي مسمار ڪرڻ، ملڪيتن جي ڦرلٽ، ناجائز گرفتارين ۽ نياڻين جي تذليل وارن واقعن صحافتي برادري سميت پوري سول سوسائٽي ۾ ڳڻتي ۽ ڪاوڙ جي لهر پيدا ڪري ڇڏي آهي، هنن چيو ته جامشورو پوليس مبينا طور هڪ بااثر سردار جي چرچ تي صحافي خاندانن سان زيادتيون ڪيون آهن، جڏهن ته ملڪ هائوس جي دٻاءَ ۾ جامشورو ضلعي کي پوليس اسٽيٽ بڻائڻ واري صورتحال تي ڳڻتي آهي، اڳواڻن مطالبو ڪيو ته سموري واقعي جي شفاف عدالتي جاچ ڪرائي وڃي، صحافي ڀائرن جي گهرن تي چڙهائي، مسماري، ملڪيتن جي ڦرلٽ ۽ عورتن جي تذليل ۾ ملوث پوليس اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ايس ايس پي جامشورو کي فوري طور عهدي تان هٽايو وڃي. احتجاج ڪندڙن پ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ۽

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن

وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان

دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

ڪانٽي واهه ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن پاران هڪ اهم اجلاس ڪوٺائڻ بعد هڪ احتجاجي مظاهرو

نصيرلنڪ ۾ پاڻي پوڇڙ تائين نٿو پهچي جنهن ڪري هڪ طرف بيٺل فصل سوڪهڙي جو شڪار بڻجي ويا اهن

زمينون پڻ پاڻي نه ملڻ ڪري بنجر بڻجي رهيون آهن. جنهن ڪري آبادگارن کي وڏو نقصان پهچي رهيو آهي

غيرقانوني رڪاوٽون ۽ بند ڪيل شاخ اندر موجود مٽي ايڪسيويٽر مشينن ذريعي فوري طور صاف ڪرائي

ٺٽو(واحدشورو) تعلقي گهوڙاٻاري جي ڪَانٽي واهه ۾ پاڻي تيل تائين نه پهچڻ ڪري آبادگارن کي پهچندڙ نقصان توڙي زمينون بنجر بڻجڻ ڪري آبادگار سراپا احتجاج بڻجي ويا اهن. ان سلسلي ۾ ڪانٽي واهه ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن پاران هڪ اه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز مينهن کي کهاڙي جا وار ڪري زخمي ڪرڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز مينهن کي کهاڙي جا وار ڪري ز/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

رتن آباد پرسان باغ مان نوجوان جو ڦاهو کاڌل لاش هٿ، علائقي ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميرپورخاص ۾ رتن آباد پرسان مرچي 360 هوٽل س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

سجاول (3) ايڪڙ سروي زمين تي قبضي جي ڪوشش جو الزام، عورتن سميت خاندان جو پريس ڪلب سجاول اڳيان احتجاج

رزاق خاصخيلي، جميل، شهباز خاصخيلي، نصار ۽ نظير خاصخيلي سميت ٻيا زبردستي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا

زمين ۽ گهر خالي نه ڪرڻ تان سندن نياڻي رشيدان خاصخيلي کي مبينا طور لٺين سان تشدد ڪري زخمي ڪيو ويو آهي

واقعي بابت دڙو پوليس کي شڪايتون ۽ زخمي عورت جو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ پڻ جمع ڪرايو آهي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ)سجاول (3) ايڪڙ سروي زمين تي قبضي جي ڪوشش جو الزام، عورتن سميت خاندان جو پريس ڪلب سجاول اڳيان احتجاج. ايس ايس پي کان تحفظ ۽ انصاف جي اپيل سجاول پرسان بنورو جي ڳوٺ صوبن گ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

يوسي هوت فقير رند جي استادن پاران جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

استاد معاشري جو اهم ستون ۽ قوم جي مستقبل جا معمار آهن

جيڪي پنهنجي زندگي تعليم جي واڌاري ۽ نئين نسل جي تربيت لاءِ وقف ڪن ٿا

سٽ ميل (رپورٽ ڪاشف علي رند) : يوسي هوت فقير رند جي استادن پاران ڪراچي ۾ پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندڙ استاد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڪراچي ۾ استادن تي لٺبازي خلاف پ ٽ الف سجاول جو پريس ڪلب اڳيان احتجاج، واقعي جي سخت مذمت

سجاول ۾ پ ٽ الف سجاول پاران ڪراچي ۾ ڪالهه استادن تي ٿيل مبينا لٺبازي خلاف پريس ڪلب سجاول اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي

استادن سان ٿيندڙ ناانصافين ۽ ڪراچي ۾ مٿن ٿيل لٺبازي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا

استاد معاشري جو معمار آهن، انهن سان اهڙو ورتاءُ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو

سجاول(رپورٽ امتياز ميمڻ) ڪراچي ۾ استادن تي لٺبازي خلاف پ ٽ الف سجاول جو پريس ڪلب اڳيان احتجاج، واقعي جي سخت مذمت سجاول ۾ پ ٽ الف سجاول پاران ڪراچي ۾ ڪالهه استادن تي ٿيل مبينا لٺبازي خلاف پريس ڪلب /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ٿرپارڪر ۾ حسوا ويلفيئر پاران سولر واٽر پمپ لڳائڻ جو سلسلو جاري، 109 هين سولر واٽر پمپ جو افتتاح

حسوا ويلفيئر طرفان ٿرپارڪر جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر سبمرسيبل واٽر پمپ لڳائڻ جو سلسلو جاري آهي

ٿرجي ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ سبب عورتون، ٻار ۽ مالوند ماڻهو سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن

اهڙي صورتحال ۾ حسوا ويلفيئر پاران سولر واٽر پمپ لڳائڻ واريون ڪوششون ٿرجي پياسين ماروئڙن لاءِ وڏي سهولت ثابت ٿي رهيون آهن

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) حسوا ويلفيئر جي چيئرمين محترم حاجي غلام علي سيٺار ۽ سرپرستِ اعليٰ حاجي رفيق احمد بخاري پاران ٿر جي غريب ۽ مسڪين ماروئڙن کي پيئڻ جي صاف پاڻي جي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ انسان دوست/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

دادو: عدالت جي حڪم تي نيو بينظير ڀٽو بس ٽرمينل بحال ڪرڻ لاءِ انتظاميا سرگرم

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ عدالت جي حڪم تي نيو بينظير ڀٽو بس ٽرمينل کي مڪمل ط/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

نامعلوم هٿياربند ڦورن عمرڪوٽ ۾ فروٽ ۽ ڀاڄيون خريد ڪرڻ لاءِ ويندڙ ٽن ڀورهيتن کي ڦري ورتو

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پيٽي)ڪنري ۾ امن امان جي صورتحال تي سوال اٿڻ لڳا، شاهه خان لنڪ روڊ تي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

جهمپير لڳ ڳوٺ جمعون خاصخيلي جي رهواسي ڀورهيت ڪارو ولد جمعون خاصخيلي ٺٽي پهچي احتجاج

زبردستي اغوا ڪري کڻي وڃڻ بعد سندس 18 مهينن جي معصوم نياڻي بانو خاصخيلي کي ڇڏي ويا آهن. جيڪا ماءُ کي ياد ڪري بيمار ٿي پئي آهي

شريف، ڪمال خاصخيلي خلاف جانو خاصخيلي جي ٻچ تي سندس زال کي مبينا اغوا ڪري قيد بند ۾ رکڻ جو ڪيس داخل ڪرايو آهي

نئي سندس زال کي اغوا ڪندڙ جوابدارن کي جهمپير پوليس تي گرفتار ڪري جيڪي کلي عام گهمي وڌيڪ نقصان جون ڌمڪيون پيا ڏين

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جهمپير لڳ ڳوٺ جمعون خاصخيلي جي رهواسي ڀورهيت ڪارو ولد جمعون خاصخيلي ٺٽي پهچي بااثر ماڻهن جي زيادتين خلاف داتهيندي الزام هڻندي چيو آهي ته 4 مهينا اڳ ڪوٽڙي لڳ ڳوٺ جانو خاصخيلي جي ر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

پرائمري استادن سان يڪجهتي، اسڪول تي ڪارو جهنڊو چاڙهي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ٺٽو پاران پرامن احتجاج ڪندڙ پرائمري استادن ۽ ٻين سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو

ان موقعي تي گستا ضلعي انفارميشن سيڪريٽري حامد مغل ۽ يونٽ صدر عزيز احمد خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ اسڪول تي ڪارو جهنڊو چاڙهيو ويو

گرفتار ڪيل استادن کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي ۽ استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) پرائمري استادن سان يڪجهتي، اسڪول تي ڪارو جهنڊو چاڙهي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو گستا ضلعي ٺٽي جي سڏ تي اڄ گستا يونٽ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ٺٽو پاران پرامن احتجا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ڳوٺ پيارو خاصخيلي جي رهواسڻ جي نيشنل پريس ڪلب بدين تي پريس ڪانفرنس

بدين (رجب راهمون) ڳوٺ پيارو خاصخيلي جي رهواسڻ جي نيشنل پريس ڪلب بدين تي پريس ڪانفرنس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

آبادگارن کي پهچندڙ نقصان توڙي زمينون بنجر بڻجڻ ڪري آبادگار سراپا احتجاج بڻجي ويا

گهوڙاٻاري (شا خالدڏاتاري) تعلقي گهوڙاٻاري جي ڪَانٽي واهه ۾ پاڻي تيل تائين نه پهچڻ ڪري آبادگار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ٺٽي ۾ نئين شاهه سچل سامي فش مارڪيٽ جو افتتاح

مقامي فش فارمرز کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ شورا موري واري هنڌ نئين شاهه سچل سامي فش مارڪيٽ جو افتتاح

سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر سيد امتياز شاهه شيرازي ڪيو. ان موقعي تي فش فارمرز، واپارين ۽ علائقي جي معزز شخصيتن جو وڏو انگ موجود هو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ نئين شاهه سچل سامي فش مارڪيٽ جو افتتاح. مقامي فش فارمرز کي پنهنجي ضلعي ۾ ڪاروبار جا بهتر موقعا ملندا. سيد مهتاب شاهه مشهدي ٺٽي ۾ مڇي جي ڪاروبار کي هٿي وٺرائڻ ۽ مقامي فش فارمرز کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ شورا موري واري هنڌ نئين شاهه سچل سامي فش مارڪيٽ جو افتتاح سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر سيد امتياز ش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

سنڌ حڪومت پاران سناتن ڌرم جا مقدس ڪتاب شاگردن ۾ تقسيم

سناتن ڌرم جا مقدس ڪتاب گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ميگهواڙ ڪالوني مٺي جي شاگردن ۾ تقسيم ڪيا ويا

درشن ڪمار، مهيش ايسراڻي ۽ ٻين استادن شرڪت ڪئي ۽ گائيتري منتر سان تقريب جو آغاز ڪيو

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) سنڌ حڪومت ۽ وزير تعليم سنڌ سيد سردار علي شاهه جي روشن خيال سوچ ۽ پاڪستان هندو ڪائونسل جي تعاون سان مذهبي هم آهنگيءَ واري منشور تحت سنڌ حڪومت پاران شايع ٿيل سناتن ڌرم جا مقد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

PFUJ
PAKISTAN FEDERAL UNION OF JOURNALISTS
STOP
VICTIMISATION
MUJ
MIRPURKHAS UNION OF JOURNALISTS
JOURNALISTS ARE NO
STOP

ڄامشوري جي صحافي ڀائرن خلاف ٿيندڙ انتقامي ڪارروائين خلاف ميرپورخاص ۾ صحافين ۽ سول سوسائٽي جو احتجاج

فهد سلطان چانڊيو، علي جان پيٽي، سيد محمد خالد جي اڳواڻيءَ ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

هي پيرو پيرو ناهي، ان کان اڳ به باريجا ڀائر صحافين خلاف ڪارروايون ٿينديون رهيون آهن

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو) ڄامشورو جي صحافي ڀائرن خلاف ٿيندڙ انتقامي ڪارروائين خلاف ميرپورخاص ۾ صحاف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڪيٽي بندر ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڀڳهاڻ ۾ استاد برادري طرفان ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي مظاهرو

احمد سمون. نياز احمد ميمڻ. رزاق صوبائي . حبيب الله جانيارو جي اڳواڻي ۾ سخت احتجاج ڪيو

جيستائين استادن جا مسئلا حل نه ٿيندا تيستائين احتجاج جاري رهندو

ڪيٽي بندر (رپورٽر نادر علي خليفو) تعلقي ڪيٽي بندر پاران پڻ سنڌ ۾ استاد کي سروس اسٽيڪچر، چارٽر آف ڊمانڊ ۽ بينيول فنڊ جهڙا بنيادي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ڪراچي ۾ استادن جي احتجاج تي پوليس تشدد ۽ استادن جي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

گستا اڳواڻن عظيم آخوند جاويد احمد ڪٽي خالد بلاولي غلام علي صديقي سميت ٻين استادن شرڪت

هڪ طرف استادن جا جائز مطالبا تسليم نٿا ڪيا وڃن

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) ڪراچي ۾ استادن جي احتجاج تي پوليس تشدد ۽ استادن جي مطالبن جي مڃتا لاءِ پ ٽ الف تعلقي شاهبندر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ رڪارڊ آف رائيٽس جي جي قاعدن ۽ ضابطن تي عمل ڪيو وڃي: اي ڊي سي ون

گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ميرپورخاص نديم احمد بلوچ ۽ ميرپورخاص ضلعي جي سڀني اسسٽنٽ ڪمشنرن شرڪت

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) رڪارڊ آف رائيٽس جي قاعدن ۽ ضابطن جي تحت روينيو رڪارڊ جي درستگي، رجسٽريشن ۽ تحفظ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول چاريلي پيپل جا به اهم وزٽ، تعليمي سرگرمين جو جائزو، استاد جي محنت کي ساراهيو ويو

جن دوران اسڪول جي تعليمي ماحول، شاگردن جي پڙهائي ۽ تدريسي سرگرمين جو جائزو ورتو ويو

تعليم جي واڌاري ۽ نياڻين جي تعليم جاري رکڻ لاءِ اهڙيون ڪوششون ڳوٺاڻن لاءِ اميد جو نئون پيغام آهن

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول چاريلي پيپل ۾ اڄ به اهم وزٽ ڪيا ويا. جن دوران اسڪول جي تعليمي ماحول، شاگردن ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

پ ٽ الف مرڪز جي ڏنل احتجاجي ڪال تي پ ٽ الف تعلقي مٺي پاران احتجاج

جنهن جي اڳواڻي پ ٽ الف تعلقي مٺي جي صدر الهوسايو ڪئي

سنڌ سرڪار کي ڏنل چارٽر آف ڊمانڊ تي عمل ڪري استادن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

ٿرپارڪر (محمدرحيم مگريو) پ ٽ الف مرڪز جي ڏنل احتجاجي ڪال تي پ ٽ الف تعلقي مٺي پاران ڪراچي ۾ ٿيل استادن تي بي رحم پوليس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ميرپور ماٿيلو سالانه ڪروڙين روپين جي بجيٽ ملڻ باوجود ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو ريفر سينٽر بڻيل

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر رائو آفتاب کي ساڻ ڪري ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو پهتو

ميڊيڪل آفيسرن سان گڏجاڻي ڪري اسپتال جي انتظامي معاملن ۽ صحت جي سهولتن جو جائزو ورتو

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو سالانه ڪروڙين روپين جي بجيٽ ملڻ باوجود ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو ريفر سينٽر بڻيل ڊاڪٽرن ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

فاسٽ ٽائيڪوانڊو اڪيڊمي گهوٽڪي پاران اسڪولن ۽ راندين جي مرڪزن وچ ۾ ٽائيڪوانڊو جا مقابلا 2026ع منعقد

تقريب جا مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ۽ راندين واري کاتي جو ايڊيشنل سيڪريٽري ڊاڪٽر اسد اسحاق هو

جن مختلف مقابلن ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ رانديگرن ۾ مدل ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ ورهايا

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي، حڪومتِ سنڌ جي سهڪار سان فاسٽ ٽائيڪوانڊو اڪيڊمي گهوٽڪي پاران اسڪول/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ميرپور ماٿيلو داد لغاري ويجهو ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر نتيجي ۾ نوجوان نينگر فوت

لاش اسپتال منتقل ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي نوجوان نينگر جو اوچتو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) ميرپور ماٿيلو داد لغاري ويجهو ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر نتيجي ۾ نوجوان نينگر فوت لاش اسپتال منتقل ضروري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ڪوهستاني پٽي ۾ پکين سميت سهي (خرگوش) جو غير قانوني شڪار تيزي سان ٿيڻ لڳو

ڪوهستان واسين پکين سميت سهي (خرگوش) جي نسل ڪشي کي روڪرائي شڪارين خلاف ڪارروائي جي گهر ڪري ڇڏي

ڪوهستاني پٽي ۾ مختلف پکين تتر، ڀاٽيرو، تلور ۽ ٻين پکين جو شڪار غيرقانوني طريقي سان جاري

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڪوهستاني پٽي ۾ پکين سميت سهي (خرگوش) جو غير قانوني شڪار تيزي سان ٿيڻ لڳو، وائلڊ لائيف کاتي وارا اگهور ن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

جيڪب آباد ۾ واپڊا پاران ڊپٽي ڪمشنر جي سربراهيءَ ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ کليل ڪچهري منعقد

کليل ڪچهريءَ ۾ ايس ئي سيپڪو شڪارپور ظهور احمد نوناري، ايڪسيئن شفقت لاشاري ۽ ايس ڊي او علي لاشاري سميت لاڳاپيل عملدار موجود هئا

ان موقعي تي شهرين بجليءَ بابت پنهنجا مسئلا، شڪايتون ۽ خدشا عملدارن آڏو پيش ڪيا

افسوس جو اجا تائين عوام کي اوور بلنگ، ڊيٽيڪشن بلن ۽ بجليءَ جي ٻين مسئلن مان ڪو خاص ڇوٽڪارو نه ملي سگهيو آهي

جيڪب آباد (رپورٽر)جيڪب آباد ۾ واپڊا پاران ڊپٽي ڪمشنر شهزاد احمد ساهي جي سربراهيءَ ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. کليل ڪچهريءَ ۾ ايس ئي سيپڪو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

کليل ڪچهري
تاريخ: 05 نومبر 2026ع خميس، وقت: صبح 11:30 وڳي
هنڌ: دربار هال، ڊي سي آفيس جيڪب آباد

ڪراچي ۾ استادن تي ٿيل تشدد ۽ شيلنگ خلاف، اوڏيرو لال ۾ به استادن سان اظهار يڪجهتي ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

استاد ڪراچي ۾ سروس اسٽيڪچر انيشل اپائنٽمنٽ کان ريگيولر ڪرڻ گروپ انشورنس جيڪي اسڪول بند آهن

انهن کي ڪولرائڻ بدلين کي ضلع سطح تي آڻڻ لاءِ پرامن احتجاج ڪيو انهن مٿان تشدد ڪري گرفتار ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آهي

اسان استادن جا مطالبا جائز آهن انهن کي ٻڌڻ بجاءِ انهن استادن جي تذليل ڪئي وئي آهي

مٽياري (رپورٽ غلام نبي چنو) ڪراچي ۾ استادن تي ٿيل تشدد ۽ شيلنگ خلاف، اوڏيرولال ۾ به استادن سان اظهار يڪجهتي ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي استادن عاشق علي ساهووال ۽ ٻين چيو ته استاد ڪراچي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ مرڪزي سيڪريٽري جنرل پنهل ساريو چوهڙجمالي پهتو

پارٽي ڪارڪنن ۽ شهرين کي خطاب ڪندي 22 نومبر تي ڪراچي ۾ ٿيندڙ پروگرام ۾ ڀرپور شرڪت جي دعوت ڏني

سنڌ جي ورهاست ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏينداسين، سنڌ اسان جو تاريخي، ثقافتي ۽ قومي ورثو آهي

چوهڙجمالي (رپورٽ: شاهد حسيني) جسقم جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ مرڪزي سيڪريٽري جنرل پنهل ساريو چوهڙ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ايس ايس پي پاران ڏياري جي موقعي تي هندو برادري سان تعلق رکندڙ پوليس ملازمن ۾ مٺائي ۽ تحفا ورهايا ويا

ڏياري جي ڏڻ جي موقعي تي ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو پاران ايس ايس پي آفيس ٺٽو ۾ هڪ سادي ۽ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي

جنهن دوران ضلعي ٺٽي ۾ پنهنجا فرض سرانجام ڏيندڙ هندو برادري سان تعلق رکندڙ پوليس ملازمن ۽ اهلڪارن کي ڏياري جون مبارڪون ڏنيون ويون

ان موقعي تي ايس ايس پي عديل حسين چانڊيو پاران هندو پوليس ملازمن ۾ مٺائي ۽ تحفا ورهايا ويا ۽ سندن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ايس ايس پي عديل حسين چانڊيو پاران ڏياري جي موقعي تي هندو برادري سان تعلق رکندڙ پوليس ملازمن ۾ مٺائي ۽ تحفا ورهايا ويا ڏياري جي ڏڻ جي موقعي تي ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو پاران ايس ايس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

جيڪب آباد ۾ پ ٽ الف جي سڏ تي ڪراچي ۾ استادن مٿان لاٺي چارج تشدد خلاف سوين استاد روڊن تي نڪري آيا، مظاهرو ڌرڻو

حڪومت جي لولي پاپ کي قبول نه ڪنداسين مطالبا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن/ پرائمري ٽيچرس ايسوسي ايشن جيڪب آباد

ڪراچي ۾ پرامن مظاهري تي تشدد ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

اسان استادن جي چارٽر آف ڊمانڊ تي عمل ڪيو وڃي ۽ مطالبا ترجيحي بنيادن تي منظور ڪيا وڃن

جيڪب آباد (رپورٽر)جيڪب آباد ۾ پ ٽ الف جي سڏ تي ڪراچي ۾ استادن مٿان لاٺي چارج تشدد خلاف سوين استاد روڊن تي نڪري آيا، مظاهرو ڌرڻو. حڪومت جي لولي پاپ کي قبول نه ڪنداسين مطالبا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

ڪنري پوليس جي منشيات فروشن خلاف ڪارروائي، آئس ۽ چرس وڪرو ڪرڻ جي الزام ۾ چار جوابدار گرفتار

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پيٽي) ڪنري پوليس شهر ۾ منشيات جي ڪاروبار خلاف ڪارروائي ڪندي آئس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

جماعت اسلامي ضلع بدين جي امير الله بچايو هاليپوٽو ضلعي شوريٰ جي فيصلي جي روشنيءَ ۾ سيشن

بدين (رجب راهمون)جماعت اسلامي ضلع بدين جي امير الله بچايو هاليپوٽو ضلعي شوريٰ جي في/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

بلاول ڀٽو زرداري طرفان نئون ديرو شهر پهچي معزز شهري انجنيئر مرحوم غلام قادر ميراڻي جي وفات تي تعزيت

وفات تي سندس پونئرن پٽ ڪفايت ميراڻي، فاروق ميراڻي، الطاف حسين، آفتاب ميراڻي ۽ ٻين سان تعزيت ڪري گهري ڏک جو اظهار ڪيو

وفات تي سندس پونئرن پٽ ڪفايت ميراڻي، فاروق ميراڻي، الطاف حسين، آفتاب ميراڻي ۽ ٻين سان تعزيت ڪري گهري ڏک جو اظهار ڪيو

ايم پي اي جميل احمد سومرو، ايم پي اي سهيل انور سيال، ايم اين اي خورشيد جوڻيجو، ايم اين اي اعجاز احمد جکراڻي ۽ ٻيا اڳواڻ توڙي ڪارڪن پڻ موجود هئا

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري طرفان نئون ديرو شهر پهچي معزز شهري انجنيئر مرحوم غلام قادر ميراڻي جي وفات تي سندس پونئرن پٽ ڪفايت ميراڻي، فاروق ميراڻي، الطا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب33

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو جو ضلعي انساني حقن واري ڪميٽي سان گڏ ڀٽائي ڊينٽل ڪاليج ۽ سول اسپتال اولڊ ميرپورخاص جو دورو

فيصل علي سومرو ضلعي انساني حقن واري ڪميٽي ميرپورخاص جي ميمبرن سان گڏ ڀٽائي ڊينٽل ڪاليج ميرپورخاص ۽ سول اسپتال اولڊ ميرپورخاص جو دورو

مريضن جي حقن، هراسان ڪرڻ جي روڪٿام، طبي سهولتن ۽ ٻين انتظامن جو جائزو ورتو. ڀٽائي ڊينٽل ڪاليج جي دوري دوران وفد مختلف شعبن جو معائنو ڪيو

علاج هيٺ مريضن سان ملاقات ڪري کين فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن، عملي جي رويي ۽ ٻين ممڪن شڪايتن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي

ميرپور خاص (بيوروچيف سومارسميجو) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو فيصل علي سومرو جو ضلعي انساني حقن واري ڪميٽي سان گڏ ڀٽائي ڊينٽل ڪاليج ۽ سول اسپتال اولڊ ميرپورخاص جو دورو، مريضن جي حقن، هراسان ڪرڻ جي روڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34

لاڙڪاڻو يونين آف جرنلسٽس ڊويزن طرفان صحافي عظيم باريجو ۽ سندس ڀائرن مٿان ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪرڻ واري عمل خلاف ريلي

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ لاڙڪاڻو يونين آف جرنلسٽس ڊويزن طرفان ڪوٽڙي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر35

سلائي ڪورس مڪمل، عورتن ۽ نياڻين ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار علي پيٽي) سلائي ڪورس مڪمل، عورتن ۽ نياڻين ۾ سرٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر36

صحافين تي حملن، گهرن تي پوليس چڙهائين ۽ زيادتين خلاف دادو ۾ وڏو احتجاج

ڪچهري روڊ تي ڌرڻو، سخت نعريبازي، عدالتي جاچ ۽ ايس ايس پي ڄامشورو جي برطرفي جو مطالبو

صحافين کي خوف ۽ دٻاءَ کانسواءِ پنهنجون صحافتي ذميواريون ادا ڪرڻ جو ماحول فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) پنج ڏينهن اڳ ڪوٽڙي جي عدالتي احاطي اندر صحافي عظيم باريجو تي ٿيل قاتلانه حملي ۽ ان واقعي جي نتيجي ۾ نوجوان دلشير برفت جي قتل واري افسوسناڪ واقعي ڪانپوءِ، هڪ سردار جي چرچ تي ڄامشورو پوليس پاران باريجا صحافي ڀائرن جي گهرن تي چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪرڻ، گهر مسمار ڪرڻ، ناجائز گرفتاري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر37

دادو پوليس جي ڪاميابي، 49 ڪيسن ۾ نامزد ٻن عادي ڌوهارين ڌوهن جي دنيا ڇڏي هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا

عبدالله قمبراڻي ڌوهن جي دنيا کي خيرباد چئي ڦلجي ولبيچ ٿاڻي جي ايس ايڇ او جهانگير چانڊيو آڏو پيش ٿي ويا

ڌوهن جي دنيا ڇڏيندڙن سان پوليس مڪمل سهڪار ڪندي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي ڌوهارين خلاف سخت پاليسي جا مثبت نتيجا سامهون اچي ويا، مختلف ٿاڻن تي 49 ڪيسن ۾ نامزد ٻن جوابدارن غلام مرتضيٰ جمالي ۽ عبدال/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر38